REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02)ڇنڇر 11 نومبر 2023 ع بمطابق 26 ربيع الثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 165

اسٽيٽ بئنڪ وفاقي حڪومت جي قرض جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

وفاقي حڪومت جو قرض سيپٽمبر 2023 تائين 62 هزار 291 ارب رُپيا رهيو، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران هڪ ڏهائي 157 ارب ڊالر قرضن جي وياج ادائيگي تي خرچ ٿيا

سيپٽمبر 2023 تائين حڪومت جو مقامي قرض 39 هزار 697 ارب رُپيا جڏهن ته پرڏيهي قرض 22 هزار 593 ارب رُپيا رهيو

آڪٽوبر 2023 ۾ بئنڪن جي ڊپازٽس 79 ارب رُپيا وڌيا، جنهن کانپوءِ بئنڪن جي ڊپازٽس 26 هزار 397 ارن رُپيا رهيا

آڪٽوبر ۾ بئنڪن چاليهه ارب رُپيا قرض ڏنو، ان ئي مهيني تائين بئنڪن جي قرضن ڪاتو يارنهن هزار 897 ارب رُپيا رهيو

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران ٽي ڏهائي 17 ارب ڊالر پرڏيهي قرضن جي سروسنگ تي خرچ ٿيا، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران ٻه ڏهائي 017 ڊالر قرضن جي اصل تي خرچ ٿيا

ڪراچي (م د) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وفاقي حڪومت جي قرض جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب، حڪومت جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 ع دوران 1450 ارب رُپيا قرض ورتو اسٽيٽ بئنڪ موجب، وفاقي حڪومت جو قرض سيپٽمبر 2023 تائين 62 هزار 291 ارب رُپيا رهيو سيپٽمبر 2023 تائين حڪومت جو مقامي قرض 39 هزار 697 ارب رُپيا جڏهن ته پرڏيهي قرض 22 هزار 593 ارب رُپيا رهيو. ان ڪانسواءِ اسٽيٽ بئنڪ آف آڪٽوبر جي بئنڪنگ جا انگ اکر پڻ جاري ڪيا آهن. اسٽيٽ بئنڪ موجب، آڪٽوبر 2023 ۾ بئنڪن جي ڊپازٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مهاجر قومي موومينٽ ۽ نوازليگ ۾ اتحاد سان اسان کي نقصان گهٽ فائدو گهڻو ٿيندو: بلاول

مولانا فضل الرحمان سان رابطا جاري رهندا، اُن سان گڏجي چونڊ وڙهي سگهون ٿا ۽ مقابلو به ڪري سگهون ٿا، ڪنگز پارٽي هر اليڪشن ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ايندي آهي

ايندڙ چونڊن ۾ ڪنگز پارٽي جو 2008 ع جهڙو خراب حال ڪنداسين، پي ٽي آءِ چيئرمين لاءِ ڏسنداسين ته چونڊن ۾ ڇا ٿو ٿئي

اها وقت جي ضرورت هئي ۽ وقت جي ضرورت لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو آهي، پارٽي سان بي وفائي ڪندڙن کي چونڊن ۾ قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي

پي ٽي آءِ پهرين آئين ۽ جمهوريت تي يقين نه رکندي هئي، هاڻي خيال آيو اٿن ته آئين ۽ جمهوريت به ڪا شئي آهي

افغانين بابت پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف ڪليئر آهي، افغانين سميت ٻين غير قانوني پرڏيهين کي عزت سان واپس موڪليو وڃي: ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪنگز پارٽي هر اليڪشن ۾ اڳيان ايندي آهي پر ايندڙ عام چونڊن ۾ به ان جي حالت اها ئي ٿيندي جيڪا 2008 ع جي چونڊن ۾ هئي.. پ پ چيئرمين ڊينو سفاري پارڪ جو دورو ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته هن ڀيري متعارف ڪرايل راندين جي ميدانن ۽ عوامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

غير قانوني مهاجرن جي واپسي جي خرچ تي ضابطو آڻڻ لاءِ قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي: نگران صوبائي گهرو وزير

عوام جي جان و مال جي حفاظت ۽ امن امان کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي: برگيڊيئر (ر) حارث نواز

هر سطح تي سڪيورٽي اپاءَ کي مربوط انداز ۾ يقيني بڻايو وڃي ۽ انٽيليجنس سروسز ذريعي وڌيڪ اضافو ڪيو وڃي

صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ خاص اجلاس ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز جي صدارت هيٺ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ خاص اجلاس ٿيو جنهن ۾ غير قانوني مهاجرن/ پرڏيهي شهرين جي وطن واپسي بابت مختلف معاملن جو خاص جائزو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

القدس، شفا ۽ العوده اسپتال تي اسرائيل جا حملا، 6 ڄڻا فوت

اسرائيل تل الحوا جي علائقي ۾ القدس اسپتال تي وڏي بمباري ڪئي

بمباري سبب اسپتال جو عملو زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال جي سهولتن کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي: العوده اسپتال جو ڊائريڪٽر

نابلس جي اوڀر ۾ اسڪر ڪيمپ ۾ فلسطيني مزاحمت جي ويڙهاڪن جو قابض فوج سان جهيڙو ٿي پيو: فلسطيني ميڊيا

غزه (م د) غزه ۾ اسرائيلي فوج هڪ ڀيرو ٻيهر اسپتالن کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ٻار سميت 6 ڄڻا شهيد ٿي ويا. فلسطيني ريڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

غزه تي حملن ۾ روز
4 ڪلاڪن جو وقفو
ڪرڻ تي اتفاق

غزه (م د) اسرائيل غزه تي حملن ۾ روز 4 ڪلاڪن جو وقفو ڪرڻ تي اتفاق ڪري ورتو. آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غزه: اسرائيل پاران تل الحوا جي علائقي ۾ القدس اسپتال تي ويل بمباري کانپوءِ دونهون اٿي رهيو آهي

نگران ڪيترا غير سياسي آهن، جهيڙي مان نظر اچي ٿو: شهلا رضا

گمس اسپتال ۾ سرجري لاءِ خريد ڪيل روبوٽس سان عوام کي فائدو پهتو آهي

نگران وڏو وزير مقبول باقر پيپلزپارٽي جي حڪومت پاران شروع ڪيل ڪيترن ئي منصوبن جي واکاڻ ڪري چڪو آهي

نگران وڏي وزير ۽ وزير ۽ نگران وزير کي پنهنجا اختلاف ويهي نبيرڻ گهرجن

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ شهلا رضا چيو آهي ته نگران وڏي وزير ۽ صحت واري وزير جي جهيڙي سبب ڪو عوامي منصوبو متاثر نه ٿيڻ گهرجي. گمس اسپتال ۾ سرجري لاءِ خريد ڪيل روبوٽس سان عوام کي فائدو پهتو آهي، شهلا رضا چيو ته نگران ڪيترا غير سياسي آهن اهو نگران جي جهيڙي مان نظر اچي ٿو. نگران وڏو وزير مقبول باقر پيپلزپارٽي جي حڪومت پاران شروع ڪيل ڪيترن ئي منصوبن جي واکاڻ ڪري چڪو آهي، هن چيو ته نگران وڏي وزير ۽ وزير ۽ نگران وزير کي پنهنجا اختلاف ويهي نبيرڻ گهرجن. سرجري روبوٽس جي اجائي خريداري ڪرڻ وارا نگران وزير جا الزام درست نه آهن

ڪراچي: پيپلزپارٽي اڳواڻ شهلا رضا تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

بلوچستان مان ڪانگو وائرس ۾ مبتلا هڪ ٻيو مريض ڪراچي منتقل

35 ورهين جي مريض کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف انفيڪشن ڊيزيز اسپتال نيپا ۾ قائم ڪانگو وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو: ترجمان

ڊاڪٽرن موجب مريض جي حالت خراب آهي، بهتري لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن

بلوچستان مان 17 مريضن کي سنڌ ۾ منتقل ڪيو ويو هو، 12 مريض آغا خان ۾ داخل آهن

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان مان ڪانگو وائرس ۾ مبتلا هڪ ٻيو مريض ڪراچي منتقل، صحت کاتي سنڌ جي ترجمان موجب بلوچستان مان ڪانگو وائرس ۾ مبتلا هڪ ٻئي مريض کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو، ترجمان جو چوڻ آهي ته 35 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو پاران ٽريننگ پروگرام ۾ شرڪت

ڊي سي ڏکڻ ڪراچي سنڌ جي سمورن جاري رهندڙ ٽريننگ آفيسرن سان ملاقات ڪئي

ڊي سي سائوٿ پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي لاءِ اي پي آئي پروگرام جي اهميت تي روشني پڻ وڌي

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو اڄ هڪ مقامي هوٽل ۾ EPI/VPD سرويلنس کي مضبوط بڻائڻ جي عنوان سان جاري رهندڙ ٽريننگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊي سي ڏکڻ ڪراچي سنڌ جي سمورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آءِ ايم ايف مني لانڊرنگ ۽ شڪي ٽرانزيڪشنز تي سخت پاليسي جوڙڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪيسن ۾ قابل ٽئڪس اوڳاڙي جي طريقيڪار تي پڻ اتفاق ٿيڻ جو امڪان آهي: ذريعا

ايف بي آر جنوري کان ريٽيلرز کي ٽئڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جو پلان پڻ تيار ڪيو آهي

ايف بي آر، آءِ ايم ايف کي هلندڙ مالي سال جا ٽئڪس هدف حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي

اسلام آباد (م د) آءِ ايم ايف درآمدات جي آڙ ۾ مني لانڊرنگ، شڪي ٽرانزيڪشنز تي سخت پاليسي جوڙڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ذريعن موجب. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسٽاڪ ايڪسچينج
انڊيڪس 55 هزار
جي حد پار

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جي مثبت شروعات نظر اچي رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: نگران وفاقي وزير جمال شاهه مزار قائد تي حاضري بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

شاهه محمود کي گهر جو کاڌو نه ڏيڻ ڏنو ويو: مهر بانو

مصروفيتن سبب اسان جا وڪيل پيش نه ٿيا، ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

جيڪڏهن اسان کي اجازت ڏني وئي آهي ته ميڊيا جي نمائندن کي به اجازت ڏني وڃي

راولپنڊي (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جي ڌيءُ مهر بانو قريشي جو چوڻ آهي ته جيل ۾ ٻيءَ کي گهر جو کاڌو نه ڏيڻ ڏنو وڃي. اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهه محمود قريشي جي ڌيءُ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊي جي آءِ ايس آءِ نديم انجم جي ملازمت جي مدي ۾ واڌ

واڌ جو مقصد پاليسي جي تسلسل کي برقرار رکڻ آهي: نگران وزيراعظم

ڊي جي آءِ ايس آءِ نديم انجم هلندڙ سال رٽائر ٿيڻ وارو هو

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ملڪ عسڪريت پسندن جي وڌندڙ حملن جي منهن ڏئي رهيو آهي. انڪري ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

خالد مصطفيٰ ڪورائي گهر ڀيٽو، ڊاڪٽر عمران ايس ايس پي شڪارپور مقرر

آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفيٰ ڪورائي کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو

خالد مصطفيٰ ڪورائي کي فوري طور سي پي او رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفيٰ ڪورائي کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شڪارپور خالد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آمريڪا اسرائيل جي سرپرستي ڪري رهيو آهي: حافظ نعيم الرحمان

غزه ۾ اسرائيل طرفان مسلسل بمباري ٿي رهي آهي

اسرائيلي بمباري ۾ هن وقت تائين 11 هزار فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن

ڪراچي(رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته فلسطيني ٻارن ۽ عورتن جي شهادت آمريڪا کي ڪا اهميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

تانيه خاصخيلي ڪيس جو فيصلو نه ٻڌايو ويو

عدالت محفوظ ڪيل فيصلو 20 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

عدالت مان انصاف جي پوري اميد آهي: دعا خاصخيلي

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ جي عدالت جهانگارا ۾ 6 سال اڳ وحشيائي انداز ۾ قتل ڪيل نوجوان ناري تانيا خاصخيلي جي خون جو محفوظ ڪيل فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي سميت سموري ملڪ ۾ بجلي مهانگي ٿيڻ جو امڪان

جولاءِ کان سيپٽمبر جي ايڊجسٽمينٽ جي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو هوندي

نيپرا هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ لاءِ نظرثاني نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪراچي سميت سموري ملڪ ۾ بجلي مهانگي ٿيڻ جو امڪان آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ٽماٽن، پٽاٽن، اٽي ۽ ڪڪڙ سميت ويهه شين جا اگهه چڙهي ويا

ملڪ ۾ هڪ هفتي دوران مهانگائي ۾ 0 ڏهائي 73 سيڪڙو اضافو ٿيو

ساليانى بنيادن تي مهانگائي جي شرح 29 ڏهائي 8 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) شماريات کاتي ملڪ ۾ مهانگائي بابت هفتيوار رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. شماريات کاتي جي رپورٽ موجب، ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: گٽر ۾ ڪريل ڀاڻيجي کي بچائيندي مامو فوت

ڪورنگي جي گلزار ڪالوني ۾ کليل گٽر هڪ شخص جي حياتي ڳڙڪائي ويو

علائقي واسين سخي داد کي مين هول مان ٻاهر ڪڍيو پر هو نه بچي سگهيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪورنگي جي گلزار ڪالوني ۾ 8 ورهين جو ٻارڙو کليل گٽر ۾ ڪري پيو جنهن کي بچائيندي سندس مامو حياتي وڃائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: 70 ڪروڙ رپين جي ناياب مڇي جو شڪار، مهاڻا ڪروڙپتي بڻجي ويا

ناياب مڇي جي پيٽ مان نڪرندڙ چربي مان فوٽا آپريشن جو ڌاڳو تيار ڪيو ويندو آهي

مهاڻن 70 ڪروڙ رپين جون مڇيون ڪراچي فش هاربر کي وڪرو ڪري ڇڏيون

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ابراهيم حيدري ۾ کليل سمنڊ مهاڻن جي جار ۾ 70 ڪروڙن جون ”سُوا مڇيون“ ڦاسي پيون. ان ناياب مڇي جي پيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

غيرقانوني طور رهندڙ افغانين جي نيڪالي جو سلسلو جاري

وڌيڪ 188 افغانين تي ٻڌل قافلو چمن بارڊر روانو ڪيو ويو

چمن بارڊر منتقل ڪيل افغانين ۾ 66 مرد، 42 عورتون ۽ 80 ٻارڙا شامل آهن

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ غيرقانوني طور ترسيل افغانين جي نيڪالي جو سلسلو جاري آهي. وڌيڪ 188 افغانين تي ٻڌل قافلو چمن بارڊر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پرويز مشرف جي
سزا خلاف اپيل
ٻڌڻيءَ لاءِ منظور

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي صدر پرويز مشرف جي سزا خلاف اپيل ٻڌڻيءَ لاءِ منظور ڪري ورتي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ ٻڌڻي هلائي. بينچ ۾ جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس اطهر من الله شامل هئا. اڳوڻي صدر پرويز مشرف پاران سلمان صفدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي فلسطيني صدر سان فون تي ڳالهائي رهيو آهي

جسٽس مظاهر جو جواب ڏيڻ کان انڪار، ميمبرن تي اعتراض

جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ، جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس نعيم اختر افغان تي اعتراض اٿاريا: ذريعا

جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ داخل ريفرنسز ۽ ثبوتن جو سمورو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل طرفان موڪليل شوڪاز نوٽيس جو جواب ڏيڻ بدران پاڻ ئي ڪائونسل تي اعتراض اٿاريا 27 آڪٽوبر تي چيف جسٽس آف پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نواز 4 ڏينهن جيل وڃي ها ته سندس سياسي قد وڌي وڃي ها: خورشيد شاهه

ترقي جي دعويٰ ڪندڙن موٽر وي ناهڻ کانسواءِ ڪجهه ناهي ڪيو، وزيراعظم هائوس اڄ به انهن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي اڳ ۾ هئا

جيڪڏهن ڪنهن کي زبردستي اقتدار ۾ آندو ويو ته ملڪ کي نقصان پهچندو، سڄي دنيا ۾ ووٽنگ دوران ڪنهن جي به مداخلت ناهي

سياسي پارٽين جو استحقاق آهي ته اهي الڳ الڳ چونڊون وڙهڻ يا اتحاد ڪري چونڊون وڙهن

ڪراچي(رپورٽر) پ پ اڳواڻ خورشيد احمد شاهه جو چوڻ آهي ته جيل وڃڻ سان سياستدانن جو قد وڌي ويندو آهي، جيڪڏهن نواز شريف 4 ڏينهن جيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04


ڪراچي: پ پ اڳواڻ خورشيد احمد شاهه (فائيل فوٽو)

زرداري جي افغانين بابت
ڏنل بيان پارٽي پاليسي
ناهي: عاجز ڌامراهه

ڪراچي(رپورٽر) پ پ سنڌ جي اطلاعات واري سيڪريٽري عاجز ڌامراهه آصف زرداري جي افغانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نواز شريف جا ضبط ڪيل اثاثا واپس ڪرڻ جو حڪم

احتساب عدالت جي جج محمد بشير نواز شريف جي جائيداد واپسي جو حڪم جاري ڪيو

عدالت نواز شريف جي پراپرٽيز، گاڏيون ۽ بئنڪ اڪائونٽس واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف خلاف توشه خانه ريفرنس ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. اسلام آباد جي احتساب عدالت توشه خانه ريفرنس ۾ ن ليگ قائد نواز شريف جي جائيداد ضبطگي جو آرڊر واپس وٺندي ضبط ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اوڳاڙيل 22 ارب رپيا سنڌ کي واپس ڪيا وڃن: سنڌ جو نگران وڏو وزير

18 هين ترميم بعد ورڪرز ويلفيئر اينڊ ورڪرز پارٽي سپشن فنڊ صوبائي معاملو ٿي ويو آهي

18 هين ترميم کان پوءِ ايف بي آر لاڳيتو سنڌ مان اوڳاڙيون ڪندو پيو اچي

هن وقت ايف بي آر غير آئيني طور تي اربين رپيا اوڳاڙي چڪو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي خط لکيو آهي. خط ۾ وڏي وزير ايف بي آر طرفان ورڪرز ويلفيئر اينڊ ورڪرز پارٽي سپشن فنڊ جي غير قانوني اوڳاڙي جو معاملو اٿاريو آهي ۽ چيو آهي ته 18 هين ترميم بعد ورڪرز ويلفيئر اينڊ ورڪرز پارٽي سپشن فنڊ صوبائي معاملو ٿي ويو آهي. وڏي وزير جو خط ۾ چوڻ هو ته 18 هين ترميم کان پوءِ ايف بي آر لاڳيتو سنڌ مان اوڳاڙيون ڪندو پيو اچي. هن وقت ايف بي آر غير آئيني طور تي اربين رپيا اوڳاڙي چڪو آهي. وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر وزيراعظم کي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

رياض: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جو ڊپٽي گورنر رياض آڌرڀاءُ ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ قدم تيز ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نينگري سميت 4 گم ٿيلن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي.

جي آءِ ٽي ۽ ٽاسڪ فورس جي اجلاسن باوجود گم ٿيل ماڻهن جو پتو ناهي پيو: عدالت سڳوري

گم ٿيل ڇوڪري ۽ ٻين جي ڳولا جاري آهي، رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي: پبلڪ پراسيڪيوٽر

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ قدم تيز ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نينگري سميت 4 گم ٿيلن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي ٿي. ان موقعي تي عدالت چيو ته جي آءِ ٽي ۽ ٽاسڪ فورس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

دهشتگردي واري معاملي تي ان ڪئمرا بريفنگ ڏني وڃي: اسحاق ڊار

اسان ماضي ۾ دهشتگردن خلاف ضربِ عضب جو فيصلو نواز شريف حڪومت ۾ ٿيو

2013 ع کانپوءِ دهشتگرد ڪارروائين ۾ گهٽتائي آئي پر وري 2018 ع کانپوءِ پاليسي ۾ تبديلي آئي

اسلام آباد (م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ سينيٽر اسحاق ڊار نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته دهشتگردي واري معاملي تي ان ڪئمرا بريفنگ ڏني وڃي. سينيٽ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي اسحاق ڊار جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پي آءِ اي نجڪاري لسٽ ۾ شامل آهي: مرتضيٰ سولنگي

گذريل حڪومت نجڪاري جو منصوبو ڏنو جنهن تي نگران حڪومت عمل ڪري رهي آهي

دنيا ۾ حڪومتون ڪاروبار نه ڪنديون آهن، ايئر لائنز ۽ ريلوي نه هلنديون آهن

سول ايوي ايشن وارو وزير ايندڙ اجلاس ۾ اچي وضاحت ڪري ته نقصان ڪيئن ٿي رهيو آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) نگران سڌ سماءَ واري وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته پي آءِ اي جا مسئلا مختلف حڪومتن جا آهن. اهي مسئلا هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: سڌ سماءَ وارو نگران وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

آمريڪي ڊالر جي
اگهه ۾ واڌ جو
سلسلو جاري

ڪراچي(رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي اگهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي، انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي شروعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور ۾ قلم 144 لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ڪريڪ ڊائون

قلم 144 لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس عابد مارڪيٽ بند ڪرائڻ لاءِ ڪريڪ ڊائون ڪيو

عابد مارڪيٽ ۾ پوليس دڪان بند ڪرائي ڇڏيا، مزاحمت ڪرڻ تي هڪ دڪاندار کي حراست ۾ ورتو ويو

لاهور(مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور ۾ قلم 144 لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس عابد مارڪيٽ بند ڪرائڻ لاءِ ڪريڪ ڊائون ڪيو آهي عابد مارڪيٽ ۾ پوليس دڪان بند ڪرائي ڇڏيا. جڏهن ته مزاحمت ڪرڻ تي هڪ دڪاندار کي حراست ۾ ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ميونسپل ڪمشنر سکر پاران مختلف علائقن جو دورو، ڊرينيج ۽ نالن جي هلندڙ ڪمن جو جائزو

انجنيئرن ۽ عملي کي هدايتون جاري ڪيون تہ ڪم تيزيءَ سان ۽ معيار مطابق ڪيو وڃي: ڪمشنر

چيئرمين اظهر اعوان، وائيس چيئرمين فرحان شيخ، وحيد شيخ، انجنيئرز ظهور احمد ڏاريجو ۽ ٻيا گڏ هئا

روڊن ۽ رستن جي تعمير کان اڳ سسٽم کي بهتر بڻايو وڃي، پاڻي جمع ٿيڻ وارين شڪايت کي ختم ڪري سگهجي

سکر(بيورو رپورٽ) ميونسپل ڪمشنر سکر محمد علي شيخ شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري ڊرينيج ۽ نالن جي هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو. انجنيئرن ۽ عملي کي هدايتون جاري ڪيون تہ ڪم تيزيءَ سان ۽ معيار مطابق ڪيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر: ميونسپل ڪمشنر سکر پاران مختلف علائقن جو دورو، ڊرينيج ۽ نالن جي هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو

سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي
پاران اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ
احتجاجي مظاهرو

سکر (بيوروريورٽ)سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان 38ڏينهن بہ احتجاج جاري رکيو ويو آهي پر ڪنهن بہ سرڪاري يا انساني حقن جي اداري نوٽيس ناهي ورتو راڻيپور کان سکر پريس ڪلب تائين احتجاجي پيادل احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهدادپور جي صحافي انجم ڀڳهيو کي غلط رپورٽون ڏيندڙ عملدار خلاف ڪارروائي نہ ٿي

غلط رپورٽون ڏيندڙ سمس اسپتال شهدادپور جي ليبارٽري ٽيڪنيشن کان ڪو پڇڻ وارو ڪونهي

درخواست ايم ايس کان وٺي ضلعي جي سيني صحت کاتي جي آفيسرن کي ڏيئي چڪو آهيان: انجم ڀڳهيو

ڪراچي(رپورٽر)شهدادپور جي سينئر صحافي انجم ڀڳهيو کي غلط رپورٽون ڏيئي موت جي منهن ۾ پهچائيندڙ سمس اسپتال شهدادپور جي ليبارٽري ٽيڪنيشن کان ڪو پڇڻ وارو ڪونهي جڏهن تہ اسپتال هتان مڊل پاس ميٽرڪ پاس ٽيڪنيشن عملي سرڪار کان ٺيڪي تي وٺي ڇڏيں اسپتال ۾ رشتو جو بازار گرم هجڻ ڪري ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويل عملي کان ڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڊائريڪٽر انفارميشن پاران دادو پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

اطلاعات کاتي جي پهري ترجيح پريس ڪلب آهن جيڪي اسان جو حصو آهن: ڊائريڪٽر ارشاد چانڊيو

هي سنڌ جو اهم ادارو آهي جنهن هر وقت پنهنجي ضلعي جي عوام جي بهترين ترجماني ڪئي آهي

انفارميشن کاتي جي آفيسر سان ملي ڪري نام نهاد ۽ پتا خور عطائي صحافين جا ڪارڊ ناهيا :صابر ٻنڊ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد ارشاد چانڊيو دادو پريس ڪلب پهچي، عهديدارن، ميمبرن سان ملاقات ڪري تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد ارشاد چانڊيو چيو تہ اطلاعات کاتي جي پهرين ترجيح رجسٽرڊ پريس ڪلب آهن جيڪي اسان جو حصو آهن، دادو پريس ڪلب جو ڀرپور دورو آهي منهنجي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو پريس ڪلب

دادو: ڊائريڪٽر انفارميشن پاران دادو پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي

سجاول ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر پاران
زرعي زمين ۽ قبرستان تي قبضي
خلاف احتجاجي مظاهرو

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر پاران زرعي زمين ۽ قبرستان تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جي گهر سجاول ويجهو مڙهو بولاخان جي ڳوٺ سيد اسماعيل شاهہ بخاري جي ڳوٺاڻن سيد اسماعيل شاهہ بخاري، علي اڪبرشاهہ، ابراهيم شاهہ، علي احمدشاهہ، الهڏنو شاهہ، نورشاهہ، سجادعلي شاهہ ۽ ٻين احتجاج ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بلاڪ کي مسمار ڪرڻ جي امڪاني ڪاروائي خلاف احتجاجي مظاهرو G عبدالله شاهہ غازي ڳوٺ

رهواسي سماجي اڳواڻ محرم راڄپر،محمود جمالي، اياز سولنگي ،يوسف سولنگي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

گهرن کان هٽڻ ۾ احتجاجي بينر ڪٺي احتجاج ڪيو ۽ غازي ڳوٺ جي چورنگي تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

بجلي، گئس جا ٽئڪس بہ ادا ڪن ٿا ان باوجود ڳوٺ کي مسمار ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا: اڳواڻ

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)عبدالله شاهہ غازي ڳوٺ Gبلاڪ کي مسمار ڪرڻ جي امڪاني ڪاروائي خلاف هزارين رهواسي سماجي اڳواڻ محرم راڄپر،محمود جمالي، اياز سولنگي ،يوسف سولنگي حبيب الله اڄڻ،ذاڪر ڪانڌڙو ،ايڊوڪيٽ رياض ڪانڌڙو ،مشڪور راڄپر جي اڳواڻي ۾ گهرن کان هٽڻ ۾ احتجاجي بينر ڪٺي احتجاج ڪيو ۽ غازي ڳوٺ جي چورنگي تي ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن پاران احتجاجي مظاهرو

پنجين ڏينهن ڪشن راجا نويد تگڙ مولابخش شيخ منظور ملڪ عمران راڄپر جي اڳواڻي ۾ ريلي

يونس راڄپر-شهري ايڪشن ڪاميٽي نوشهروفيروز جي اڳواڻ ماهنور شيخ -رياض مهر مظاهرو ڪيو

مولا بخش شيخ ضلع اڳوڻ محبوب شيخ غلام نبي شيخ ضلع اڳواڻ منظور ملڪ عمران راڄپر ۽ ٻيا سريڪ

نوشهرو فيروز (ڊ ر) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن رجسٽرڊ سنڌ ضلع نوشهروفيروزجي اڳواڻن ۽ ملازمن پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف پنجين ڏينهن ڪشن راجا نويد تگڙ مولابخش شيخ منظور ملڪ عمران راڄپر جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهرو فيروز ۾ آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خيرپور ۾ رانا لياقت نرسنگ
ڪاليج خيرپور جي هيڊ پرنسپل
پاران نياڻين جو مستقبل تباهہ

خيرپور(رپورٽر) رانا لياقت نرسنگ ڪاليج خيرپور جي هيڊ پرنسپل ميڊم ڏاڪران ڪوسو BSNهيلٿ ٽيڪنيشن الٽرا سائونڊ ۽ ٻين ڪورسز واري داخلائن جي آڙ ۾ ڪيترن ئي نياڻين کي ڦري تباهہ ۽ مايوس ڪري ڇڏيو آهي سوين شاگردياڻين جو مستقبل داغ تي لڳائي ڇڏيو، هن فيميل اسٽوڊنٽس کان شروعاتي فارم فيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بلوچستان ۾ ڪانگو وائرس جي پکڙجڻ بعد سنڌ ۾ احتياطي اپاءَ ورتا وڃن: نگران وڏو وزير

سنڌ جي سرحدي ضلعن جهڙوڪ دادو، شهدادڪوٽ، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ۾ خدشا پيدا ٿيا آهن

صحت ۽ لائيو اسٽاڪ عملدار بلوچستان سان ملندڙ سرحدي ضلعن ۽ تعلقن ۾ نگراني کي تيز ڪن

جراثيم مار دوائن جي استعمال ۽ ٻين کان علاوه منڊين خاص ڪري سرحدي علائقن جي نگراني ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ جي صحت ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي کي هدايت ڪئي آهي تہ بلوچستان ۾ ڪانگو وائرس جي تازي پکڙجڻ کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي سرحدي ضلعن ۾ احتياطي اپاءَ ورتا وڃن. وڏي وزير چيو تہ بلوچستان ۾ ڪانگو وائرس جي تازي پکڙجڻ سبب بلوچستان جي ويجهو سنڌ جي سرحدي ضلعن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

اي ڊي سي ون ٺٽو جو گرلس هاءِ اسڪول ،بنيادي صحت مرڪز ۽ واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو

ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون محمد علي خواجہ پاران دورو ڪيو ويو

داخلا ۽ حاضري ، مقرر ۽ حاضر استادن جو تعداد ، واش رومز ۽ ليبارٽري جي صورتحال، صفائي سٿرائي جو جائزو

سهولتون سميت بهتر طبي ۽ ٻيون سموريون شهري سهولتون ۽ عوامي خدمتن کي يقيني بڻايو وڃي: محمد علي خواجہ

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد علي خواجہ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ٺٽو ، بنيادي صحت مرڪز علي بحر ۽ واٽر سپلائي اسڪيم سونڊا جو دورو ڪري سموري صورتحال جو جائزو ورتو _ ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد علي خواجہ لاڳاپيل واٽر سپلائي ملازمن جي حاضري . پيشڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اي ڊي سي ون ٺٽو جو گرلس هاءِ اسڪول ،بنيادي صحت مرڪز ۽ واٽر سپلائي اسڪيم جو دورو ڪيو

سنڌ ۾ صوبائي حڪومت
نواز ليگ جي هوندي: سيد
اعجاز شاهہ

دولتپور صفن(رپورٽر) ملڪ جو ايندڙ وزير اعظم ميان محمد نواز شريف هوندو سنڌ ۾ بہ صوبائي حڪومت نواز ليگ جي هوندي ميان محمد نواز شريف جلد سنڌ جي دوري تي ايندو اهڙن خيالن جو اظهار مسلم ليگ ن ضلع شهيد بينظير آباد جي سينيئر نائب صدر ۽ صوبائي ٽڪ پي ايس 39 تي مسلم ليگ جي پيلٽ فارم تان چونڊ وڙهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

تکرانو ۾ گندگي جا ڍير لڳي ويا ناليون اٿلي پيون، 2 مهينن کان يوسي جي بجيٽ بہ رليز نہ ٿي

پگهارن کان محروم، وائيٽ ڪالر ملازمن هيٺان رکيل پنگي بہ پگهار نہ ملڻ ڪري ڪم ڇڏي هليا ويا

مهتر پوڙهي پٽي سومرا منگي چنہ دايا سهتا محلن سميت شهر جا ڪيترن ئي پاڙن ۾ ناليون اٿلي پيون آهن

ٻن مهينن جي بجيٽ 10 لک روپيا رليز نہ ٿي سگهيا آهن ان لاءِ ملازمن کي پگهارون ناهن مليون: ملازم اڳواڻ

تکرانو (ڪي بي مهر) تکرانو ۾ گندگي جا ڍير لڳي ويا ناليون اٿلي پيون 2 مهينن کان يوسي جي بجيٽ بہ رليز نہ ٿي ملازم پگهارن کان محروم وائيٽ ڪالر ملازمن هيٺان رکيل پنگي بہ پگهار نہ ملڻ ڪري ڪم ڇڏي هليا ويا گندگي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو ڪيترائي ماڻهو مليريا جهڙي مرض ۾ ورتل خبر موجب تکرانو جي يوسي مبارڪپور جي ٻن مهينن کان بجيٽ رليز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

راڻيپور جي پنج ڏينهن اڳ مبينا قتل ٿيل نوجوان جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

ڪچي آبادي مان پنج ڏينهن اڳ وحيد سومرو جو تشدد ٿيل لاش مليو هيو: مظاهرين

احتجاجي دائرو وڌائي اڄ راڻيپور اسپتال اڳيان ڊاڪٽرن جي لاپرواهي خلاف ڌرڻو هڻنداسين

راڻيپور(رپورٽر) راڻيپور جي ڪچي آبادي مان پنج ڏينهن اڳ وحيد سومرو جو تشدد ٿيل لاش مليو هيو جنهن جي پوسٽ مارٽم بعد جڏا ليبارٽري ۾ نہ موڪلڻ ڪري جڏا بدبوءِ ڪري خراب ٿي ويا آهن فوتي جي وارثن جو ڊاڪٽرن مٿان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهڏو پرسان تاريخي ڳوٺ ٽنڊو ڪولاچي ۾ فرينڊس بڪ حيدرآباد پاران ڪتابي ميلو

سائين حاجي علي بخش ڪولاچي جي نالي سان منسوب ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو لڳايو ويو

ڪتابي ميلي ۾ شاعرن، اديبن، وڪيلن، صحافين، توڙي علم دوست شخصيتن ڀرپور شرڪت ڪئي

جهڏو(رپورٽر) جهڏو پرسان تاريخي ڳوٺ ٽنڊو ڪولاچي ۾ فرينڊس بڪ حيدرآباد پاران نوجوان سماجي تنظيم جي سهڪار سان معروف استاد سائين حاجي علي بخش ڪولاچي جي نالي سان منسوب ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو لڳايو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

فرينڊس ڪتابي ميلو
فرينڊس بڪ ڪلب حيدرآباد. لاڙڪاڻو

پ ت الف ٺٽي جي اڳوڻي صدر سيد ارشاد شاهہ جي ٻئين ورسي جي مناسبت سان تقريب

اڳواڻن پاران ورسي تقريب جي شروعات ارشاد شاهہ جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ڪئي وئي

صدر انتظار حُسين چلگري، شڪور سارنگ، شريف ٽنيو، خير محمد بروهي، محمد علي ٻير شريڪ ٿيا

گهارو(بشام جوکيو) پ ت الف ضلعي ٺٽي جي اڳوڻي صدر سيد ارشاد شاهہ جي ٻين ورسي پ ت الف ٺٽي پاران گهاري ۾ ٿي گذري، ورسي تقريب جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شفا فائونڊيشن نوشهروفيروز چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ پاران مورو جي ڳوٺ ۾ پروگرام منعقد

پروگرام جو مقصد گهٽ عمر جي ٻارڙن جي بنيادي حقن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ هو: ميڊم عمارا سرفراز

ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران ايجوڪيشن آفيسر حزب الله ڪوريجو تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر مورو شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) شفا فائونڊيشن نوشهروفيروز چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ پاران تعلقي مورو جي ڳوٺ قل ڀڳهيو ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام جو مقصد گهٽ عمر جي ٻارڙن جي بنيادي حقن بابت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪنڊڪوٽ ٽريزري انتظاميہ جي ناانصافين خلاف رٽائر ملازم پاران احتجاجي مظاهرو

قانوني گهرجون ٻن سالن کان پوريون ڪري ٽريزري آفيس ۾ جمع ڪرايون آهن: علي مردان ٻهلڪاڻي

هيٺر بہ لک رشوت جي گهر ڪئي وئي آهي ۽ مهنجي ٽوٽل رٽائرمينٽي جي رقم ٻارهن لک آهي

ڪنڊڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ ٽريزري انتظاميہ جي ناانصافين خلاف ايريگيشن کاتي جي رٽائر ملازم علي مردان ٻهلڪاڻي ڌانهينڌي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ساوند _ سندراڻي خوني قبائلي جهيڙي ۾ 14 جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن: جهانگير ساوند

ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڪارنهن تڪرار تان هلندڙ جهيڙي ۾ پوري علائقي جي امن امان تي اثر پيو آهي

جهيڙي جي خاتمي لاءِ ڌرين جي چڱن مڙسن سميت حڪومت کي سنجيدگي سان قدم کڻڻ گهرجي

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ)ساوند برادري جي چڱي مڙس مقدم جهانگير خان ساوند فون ذريعي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ساوند ۽ سندراڻي ڌرين ۾ هلندڙ خوني قبائلي جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جون هن وقت چوڏهن انساني جانيون ضايع ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

وائيس آف يوٿ نيٽورڪ جو اهم اجلاس وائيس آف يوٿ نيٽورڪ جي آفيس ۾ ٿي گذريو

پريشانين کي نظر ۾ رکندي وائيس آف يوٿ نيٽورڪ پاران شاگردن جي هڪ شاخ جوڙي وئي

مس انعم سڪندر هالووڙي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي ، عهديدارن پاران مبارڪون

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) وايس آف يوٿ نيٽورڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس وايس آف يوٿ نيٽورڪ جي آفيس ۾ وائس آف يوٿ نيٽورڪ ٺٽو جي چيئرمن ايڊووڪيٽ قربان علي هالوجي صدارت هيٺ ٿي گزريو اجلاس ۾ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

VOICE OF YOUTH
Network

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس خلاف پٽي برادري جي ماڻهن جو احتجاج

پٽي برادري جي ماڻهن پاران 15 ڏينهن بہ مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

اختر پٽي 80 ايڪڙ سروي زمين ۽ گهرن تي قبضو ڪرائي هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن:الزام

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس گردي خلاف پٽي برادري جي ماڻهن 15 ڏينهن بہ مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ان موقعي تي پيرسن ولي محمد پٽي سهيل پٽي راجو پٽي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏهرڪي جو صحافي پير بخش راجڙي ڏگهي عرصي کان بيماري جي بستري تي پيل

ٻن سال کان ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا علاج ۾ ڪو سڌارو نہ اچي سگهيو آهي

سوشل ميڊيا تي آواز اٿاريو پيو وڃي پر هن وقت تائين حڪومت ڪو نوٽيس ناهي ورتو: اڳواڻ

گهوٽڪي(رپورٽ لالچند سوتواڻي) ڏهرڪي جو سينئر صحافي پير بخش راجڙي ڏگهي عرصي کان بيماري جي بستري تي پيل مسلسل آواز اٿارڻ باوجود حڪومت علاج لاءِ ڪا مدد نہ ڪئي وارث تفصيل موجب ڏهرڪي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ايس ايس پي ٺٽو حڪم تي پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز

سموري ضلعي ۾ منشيات فروشن، ڏوهارين ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون ويون

پوليس رڪشا مان گٽڪن جون 200 پڙيون هٿ ڪري هڪ جوابدار عبدالغني بروهي کي گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو آفتاب احمد نظاماڻي جي حڪم تي ٺٽو پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز، ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي جي حڪم تي پوليس پاران سموري ضلعي ۾ منشيات فروشن، ڏوهارين ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون جاري آهن انهي سلسلي ۾ گشت دوران ڏينهن ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر شوڪت علي درس مڪلي تي ضلعي ٺٽي جي مرڪزي عيد گاهہ پرسان هڪ رڪشا جنهن جو نمبر نمبر ڊي 1511641 آهي تي ڇاپو هڻي رڪشا مان گٽڪن جون 200 پڙيون هٿ ڪري هڪ جوابدار عبدالغني بروهي کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس رڪشا کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو: ايس ايس پي ٺٽو حڪم تي پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون ويون

فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت، دهشتگردي، انسان سوز ظلم جي خلاف سکر ۾ احتجاجي مظاهرو

سکر ڊيولپمينٽ الائنس پاران چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

سياسي، سماجي، مذهبي، قومپرست، واپاري تنظيمن جي اڳواڻن معروف مذهبي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

غزه قبرستان جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، اسرائيل اسپتالن، اسڪولن تي حملا ڪري ٻارن کي شهيد ڪري رهيو آهي:مظاهرين

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت، دهشتگردي، انسان سوز ظلم جي خلاف ۽ فلسطيني ڀائرن سان اظهار يڪجهتي جي لاءِ سکر ڊيولپمينٽ الائنس پاران چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

يڪجهتي فلسطين ريلي
منجانب: سکر ڊيولپمينٽ الائنس

سکر: فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت، دهشتگردي، انسان سوز ظلم جي خلاف سکر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ ملاح فورم سنڌ جو اهم اجلاس
ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين جي
صدارت هيٺ منعقد

ٺٽو(ڊر) سنڌ ملاح فورم سنڌ جو اهم اجلاس سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي جي صدارت ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ يڪراءِ فيصلو ڪري 21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏيهاڙو دادو شهر ۾ ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، اجلاس ۾ سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي صدر ماجد سڪندر ملاح، مرڪزي سينيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

عادلپور پرسان جميعت علماءِ اسلام پاران سيرت النبي صلى الله عليه وسلم ڪانفرنس پروگرام منعقد

حافظ صفي الله لاتگاهہ جي اڳواڻي ۾ ساليانو عنوان سيرت النبي صلى الله عليه وسلم ڪانفرنس ٿي گذري

سائين عبدالقيوم هاليجوي مولانا عبدالجبار حيدري ، حبيب الله شاهہ، رحيم بخش سومرو شريڪ

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) عادلپور پرسان ڳوٺ حاجي ڪوڙو خان لاتگاهہ ۾ جميعت علماءِ اسلام نوجوان شاگردن پاران حافظ صفي لاتگاهہ جي اڳواڻي ۾ ساليانو عنوان سيرت النبي ڪانفرنس پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مايا ناز خطيبن جي يو آئي جي مرڪزي نائب امير حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي مولانا عبدالجبار حيدري ، مولانا حبيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ميونسپل، چونڊيل نمائندن ۽ آفيسرن جي مجرمانہ غفلت سبب ريلوي ڪالوني مسئلن جو شڪار

ريلوي اسٽيشن جي پويان واقع ريلوي ڪالوني ڪيترن ئي سالن کان مسئلن جو ڳڙ بڻجي وئي آهي:رهواسي

ترقياتي ڪمن تي سياست ڪئي پئي وڃي ۽ من پسند علائقن ۾ صفائي ۽ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن

مختلف علائقن ۾ گندي نالين ۽ گندي پاڻي جي نيڪال خراب هجڻ سبب شهري پريشاني جو شڪار بڻيل آهن

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل، چونڊيل نمائندن ۽ آفيسرن جي مجرمانہ غفلت ۽ مسلسل لاپرواهي سبب سکر ريلوي اسٽيشن جي پويان واقع ريلوي ڪالوني ڪيترن ئي سالن کان مسئلن جو ڳڙ بڻجي رئي آهي، ٻئي طرف هلندڙ ترقياتي ڪمن تي سياست ڪئي پئي وڃي ۽ من پسند علائقن ۾ صفائي ۽ ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. جڏهن تہ ڪالوني جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: ريلوي ڪالوني ۾ بيٺل گندي پاڻي ۽ جو ڏيک

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران ڊسٽرڪٽ
ريفارم اوورسائيٽ ڪميٽي جي
گڏجاڻي، عملدارن بريف نہ ڪيو

بدين رپورٽر مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت دربار هال ۾ ڊسٽرڪٽ ريفارم اوورسائيٽ ڪميٽي جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ چيف مانيٽرنگ آفيسر سهيل انور پاران اڻ پوري تياري ۽ گڏجاڻي کي بريف نہ ڪرڻ تي ڊپٽي ڪمشنر ڪاوڙ جو اظهار ڪيو گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر پوليس صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، احتجاجي مظاهرو

شهرين پاران امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 89ڏينهن بہ جاري رکيو ويو

پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، خالد ڀاڻيڻ، سليم سهتو، عمر سومرو جلال الدين پيرو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

محمد علي سولنگي، عبدالرزاق سولنگي محمد اسلم دايو،نادر سنجراڻي، عقيل قريشي، شاهہ ولي، ناصر جعفري شرڪت ڪئي

سکر (بيوروريورٽ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي سکر پوليس 89 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 89ڏينهن بہ جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ ولهار اوڏ پاڙي ۾ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن امي فياض فائونڊيشن پاران ڪئمپ

ميموريل ٽرسٽ جي طرفان ٽرانسپيرنٽ هينڊز جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ناليواري ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻي مدد علي ڀڳهيو ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ شبير احمد پٽو شفاعت بگٽي دوائون ڏنيون

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي مريضن جو ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏيون ٿا : اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر ڀهنوار) عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ ولهار اوڏ پاڙي ۾ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن امي فياض فائونڊيشن ۽ امير بخش چنہ ميموريل ٽرسٽ جي طرفان ٽرانسپيرنٽ هينڊز جي تعاون سان هڪ ڏينهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

Infinix NOTE

عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ ولهار اوڏ پاڙي ۾ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن امي فياض فائونڊيشن پاران ڪئمپ جو افتتاح ڪيو ويو

مريدن کي واضع پيغام ڏيان ٿو تہ
ڪير بہ ڪنهن پارٽي کي ووٽ نہ ڏئي:
ساجن سوائي ڪاظمي

ٽلهار(رپورٽر) سيد بچل شاهہ پاڳارو گادي نشين درگاهہ سيد ساجن سوائي ڪاظمي هڪ اهم پيغام ڏيان ٿو دوستن پائرن مريدن ۽ عقيدت مندن ۽ ps 69جي باشعور عوام کي تہ 2013واري اليڪشن ۾ حصو ورتو هو ۽ pppجي ٽڪيٽ تي اپلائي بہ ڪيو هو چو جو اسان پراڻا پارٽي سان آهيو پر پارٽي ڪنهن ٻئي کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نگران وڏي وزير ويلفيئر فنڊ جي غيرقانوني اوڳاڙي بابت وزيراعظم کي خط لکي ڇڏيو

سنڌ ڪمپنيز پرافٽس (ورڪرز پارٽي سپريشن) ايڪٽ 2015 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي :وڏو وزير

اوڳاڙي جو سلسلو جاري رکيو ٿي اچي WWF/WPPFايف بي آر سنڌ جي صنعتڪارن کان

پورهيتن ۽ سندن خاندانن جي ڀلائي تي خرچ ٿيندڙ رقم کي سنڌ صوبي کان محروم ڪئي پئي وڃي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر، وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي خط لکي وفاقي بورڊ آف روينيو پاران ورڪرز ويلفيئر فنڊ جي غيرقانوني اوڳاڙي بابت ڌيان ڇڪرائيندي چيو تہ آئين ۾ ارڙهين ترميم ۽ ڪنڪرنٽ لسٽ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ حڪومت سنڌ ورڪرز ويلفيئر فنڊ ايڪٽ 2014ء سنڌ ڪمپنيز پرافٽس (ورڪرز پارٽي سپريشن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جو مرڪزي چيئرمين ۽ ٻين پاران ٿليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهہ جو دورو

سيد قربان علي شاهہ لڪياري، قاضي احمد جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري پير اسد علي شاهہ ۽ ٻين دورو ڪيو

استاد راشد علي مشوري مورو جي هڪ وفد جي حيثيت ۾ ٿليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهہ جي دوري دوران جائزو ورتو

سڄي سنڌ اندر ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن لاءِ رت جي عطيي جي ڪيمپ پڻ لڳائي ويندي: سيد قربان علي شاهہ

نواب شاهہ(رپورٽر) سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جو مرڪزي چيئرمين سيد قربان علي شاهہ لڪياري، قاضي احمد جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري پير اسد علي شاهہ، ڪوآرڊينيٽر سيد شفيع محمد شاهہ، قاضي احمد صدر سيد ڪرم علي شاهہ، مرڪزي وائيس چيئرمين سجاد علي شاهہ، يوسي منهڙو جنرل سيڪريٽري سيد دين محمد شاهہ، تعلقي نوابشاهہ انفارميشن سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نواب شاهہ: سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جو مرڪزي چيئرمين ۽ ٻين پاران ٿليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهہ جو دورو ڪيو

حيدرآباد ۾ سچل سرمست ٽائون
جي يوسي 96 جي چيئرمين من
مرضيون هلائڻ لڳو

حيدرآباد(رپورٽر) سچل سرمست ٽائون جي يوسي 96 جي چيرمين حق نواز ميرجت جو ترالو انداز يوسي آفيس کي بہ پنهنجي ذاتي اطاق وانگر هلائڻ لڳو برٿ سرٽيفڪيٽ ٺهرائڻ لاءِ ويل ماڻهون آفيس بند ڏسي چيرمن صاحب کي فون ڪيو جنهن جواب ڏنو تہ منهنجي آفيس جمع ڏيهن بند هوندي آهي، ڇنڇر ۽ آچر سرڪار آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ناروشاهہ پرسان ڳوٺ نوازيو يان ۾ پوليس پاران پيار جو پرڙو ڪندڙ نوجوان جي گهر تي چڙهائي، ڪيس داخل

ڳوٺ نوازيو يان واسي پيار جو پرڙو ڪندڙ نوجوان رڪشا ڊرائيور گلشير يان جي گرفتاري لاءِ پوليس ڪارروائي ڪئي

مزاحمت تي ڳوٺاڻن وزير يان شڪيل ذاڪر يان عمران چنا سميت 15 ڄڻن مٿان ديوٽي اٽڪاءَ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو سخت احتجاج ڪيو ويندو: متاثرين جون ڳالهيون

ناروشاهہ(رپورٽر) ناروشاهہ پرسان ڳوٺ نوازيو يان ۾ پوليس پيار جو پرڙو ڪندڙ نوجوان جي گهر تي چڙهائي جوڙو نہ هٿ ڪري ڳوٺاڻن جي مزاحمت پوليس 15 ڄڻن مٿان ڊيوٽي اٽڪاءَ جو ڪيس داخل ڪري ورتو، ناروشاهہ پرسان ڳوٺ نوازيو يان واسي پيار جو پرڙو ڪندڙ نوجوان رڪشا ڊرائيور گلشير يان جي گرفتاري لاءِ ناروشاهہ پوليس جا وڏا اٿلا ڳوٺ نوازيو يان تي چڙهائي ڪئي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❊❊❊

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 11 نومبر 2023ع

آءِ ايم ايف جون پاليسيون عوام لاءِ فائديمند ثابت ٿينديون!!

رپورٽن موجب نگران حڪومت فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي. خبر موجب حڪومت آءِ ايم ايف جو شرط پورو ڪندي گئس کان پوءِ بجلي به مهانگي ڪري ڇڏي آهي. نيپرا بجلي في يونٽ چاليهه پئسا مهانگي ڪري ڇڏي آهي. ته ٻئي طرف آئل اينڊ گئس ريگيوليٽر اٿارٽي (اوگرا) گئس جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.

گذريل ڪجهه سالن کان ملڪ ۾ مهانگائي بي لغام بڻيل آهي. جا لڳاتار بس وڌندي ئي رهي ٿي. جيڪا هاڻ ايتري حد تائين وڌي چڪي آهي جو لوئر ڪلاس جي ماڻهن جو جيئڻ ته دشوار بڻيو ئي آهي، پر مڊل ڪلاس جي ماڻهن لاءِ به پنهنجي سفيدي پوشي جو ڀرم برقرار رکڻ به جڻ هڪ وڏو ۽ ڏکيو چيلنج بڻجي چڪو آهي.

مهانگائي حياتي جون سڀ حسناڪيون ختم ڪندي پئي وڃي، ماڻهو مفلسي هٿان مجبور ٿي نه رڳو پنهنجو خون ڪرڻ لڳا آهن. پر اهي پنهنجي ٻارڙن جا قاتل پڻ بڻجندي دير نٿا ڪن. ان الميي ۽ هٿرادو پيدا ڪيل ظالم حالتن تي جيترو به افسوس ڪجي، سو گهٽ ٿيندو

ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب ملڪ ۾ خودڪشين جي شرح ۾ خطرناڪ واڌارو ٿيو آهي. چو ته مهانگائي جي پيٽ ۾ عام پورهيتن جي ڏهاڙي يا ماهوار پگهار تمام ٿوري آهي. جنهن سان سندن زندگي جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿي نٿيون سگهن. ان لاءِ مهانگائي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ طبقو گهٽ آمدني وارو پورهيت طبقو ئي آهي. جيڪو غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي چڪو آهي.

پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ پي ڊي ايم کان پوءِ نگران حڪومت به مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي. تعجب جهڙي ڳالهه اها آهي ته حڪومت ۾ وينل ذميدار ماڻهو مهانگائي وڌڻ شرط ئي اهو ساڳيو بيان جاري ڪريو ڇڏين. جيڪو ٻڌي ٻڌي ملڪ جو عوام هاڻي تنگ اچي چڪو آهي ته آءِ ايم ايف جي خواهش تي بجلي، گئس، تيل يا ٻين شين جا اگهه وڌايا ويا آهن. ملڪ جو عوام ڪاڻڻ سوال ڪري ٿو ته ڇا آئي ايم ايف جي خواهش هتان جي ماڻهن کي مارڻ جي آهي؟ جو ان جا ڳرا شرط ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿا وٺن.

جيتوڻيڪ گذريل ڪجهه وقت کان ڊالر جو اگهه ڪرڻ سبب رپئي جو قدر وڌيو آهي. تيل سستو ٿيڻ سان مختلف شيون جنهن ۾ اٽو، کنڊ، گهي، دالون وغيره سستيون ٿيون پر ان سستائپ مان عام ماڻهو مستفيد ٿي نه سگهيا. ڇا ڪاڻ ته ريزڪي دڪاندار مٿي ڄاڻايل شيون سستيون ٿيڻ جي باوجود به سرڪاري ۽ مناسب اگهه تي ڏيڻ لاءِ تيار نظر نه آيا. جيڪي گراهڪن کان پنهنجي مرضي جو اگهه وصول ڪندا رهيا. رڳو شهرن ۾ چند سپر اسٽور وارن ۽ وڏن دڪاندارن سودو سامان ڪجهه سستو ڪيو. جنهن مان ٻڻ پري ۽ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو فائدو حاصل ڪري نه سگهيا. ريزڪي دڪاندارن جي هٽ ڌرمي جو ڪنهن به سرڪاري علمدار نوٽيس نه ورتو. جيڪي سرڪاري حڪم ٽڏي عوام کي ديده دليري سان لٽڻ سان گڏ رياستي رٽ کي چيلنج پڻ ڪندا رهيا.

نگران حڪومت آءِ ايم ايف کان قرض جي قسط وٺڻ لاءِ نوان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي تياري ڪري رهي آهي، مهانگائي، ٽيڪس ۽ بيروزگاري سميت ملڪ جو عوام خاص طور تي پورهيت ۽ پيڙهيل طبقو ڪهڙي مسئلي کي منهن ڏئي ڪهڙي کي ڏيندو؟ جيڪو اڳ ۾ ئي هڪ عجيب اضطراب ۾ مبتلا هجڻ سان گڏ بي چيني ۽ غير يقيني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي.

تازو بجلي ۽ گئس جي اگهن ۾ ٿيندڙ واڌ ۽ امڪاني نون ٽيڪسن جو ٻڌي ماڻهو سخت مايوس ٿيڻ سان گڏ سندن ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي. چو ته نانگ جو ڪاڏل شخص نوڙي کان به ڊڄندو آهي. وٽن هاڻ ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ جيئڻ جو حوصلو نه رهيو آهي. هي وقت ماني کائڻ لاءِ پريشان رهندڙ ملڪ جو عوام هاڻ مهانگائي ۽ وڌيڪ ٽيڪسن جو بار برداشت نٿو ڪري سگهي. ڪين ڪنهن نئين آزمائش ۾ نه وڌو وڃي، جو هو هاڻ ڪنهن به آزمائش تي پورا لهي نٿا سگهن.

نگران حڪومت کي گهرجي ته آءِ ايم ايف جي خواهش پوري ڪرڻ وقت ملڪ جي عوام جو ضرور خيال رکي. ڪٿي ائين نه ٿئي جو آءِ ايم ايف جي خواهش عوام لاءِ خودڪش بمبار ثابت ٿئي.

شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ ”مور“ ((Peacock پکيءَ جو تذڪرو

اعجاز ممنائي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شاعريءَ جي مطالعي مان فطرت جا رنگ نمايان نظر اچن ٿا سندس شاعريءَ جي اهم خصوصيت اها آهي جو هن جيڪو ڪجهه پنهنجي چوڌاري ڏٺو آهي ان کي قلمبند ڪيو انهائين لطيف سائينءَ وٽ رڳو انسان اهم نه آهي بلڪ بي زبان پکي پکڻ جيت جڻا به سندس شاعريءَ جو محور رهيا آهن تاريخ اهو بيان ڪري ٿي ته شاهه سائينءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن پکي پکڻ(جاندار) کي ڪو ڏک نه رسايو ايتري تائين جو شڪارين کي به اجل جي يادگيري ڏياري پکين جي شڪار کان منع ڪندا هئا

بهرحال تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته سڄي دنيا ۾ تقريبن 8600 کان مٿي پکين جا قسم موجود آهن تن مان مور منفرد ۽ خوبصورت پکي ليکيو وڃي ٿو مور پکيءَ جي خوبصورتي جا قصا ۽ ڪهاڻيون اسان کي قديم زماني کان لوڪ داستانن ، تاريخي ڪتابن ۽ لوڪ گيتن ۾ عام جام ملن ٿا

دنيا ۾ مور پکيءَ جا گهڻائي قسم آهن پر انهن مان ٽي قسم تمام گهڻو مشهور آهن جنهن ۾ هڪڙو قسم ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ هوندو آهي جنهنجو رنگ صرف هن رنگن يعني پيلي ۽ سائي رنگ تي مشتمل هوندو آهي ٻيو قسم آفريڪن هوندو آهي جنهن کي ڪانگو مور سڏيو وڃي ٿو جنهن جو رنگ هند ۽ سنڌ جي مورن سان ملي ٿو جڏهن ته ٽيون قسم جيڪو دنيا ۾ سڀ کان گهڻو خوبصورت هوندو آهي اهو برصغير جو انڊين مور جي نالي سان مشهور آهي ان کان سواءِ دنيا ۾ سفيد قسم جا مور به موجود آهن. مور کي عربي ۾ طاؤس ۽ انگريزي ۾ پيڪاڪ چئبو آهي.

سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ مور پکيءَ جي جيڪا سونهن ۽ خوبصورتي هوندي آهي اها ڪنهن ٻي ملڪ جي موجود مور پکيءَ جي ناهي هوندي. عربن سنڌ جي مورن جو نسل عراق ۾ رائج ڪيو پر اتان جي آبهوا ، ماحول ۽ اتان جي مختلف موسم جي ڪري انهن جي رنگ روپ ۽ قدامت ۾ فرق پئجي ويو يعني سنڌ ۽ هند جي مورن جهڙا خوبصورت نه ٿي سگهيا . جڏهن سنڌو ماٿري ۽ ميسوپوٽاميا جي شهرن وچ ۾ واپار هلندو هو ۽ سنڌو ماٿري مان سوٽي ڪپڙو، عاج جون ٺهيل شيون . مور ۽ باندر پرڏيهه موڪليا ويندا هئا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ جا مور پکيءَ ۽ باندر حضرت سليمان عليه السلام جي تخت گاهه بيت المقدس به پهتا هئا.

مور پکي، سنڌ ۾ سڀ کان گهڻي تعداد ۾ ٿرواري علائقي ۾ رهي ٿو جڏهن ته اچڙي ٿرواري علائقي ۾ مور پکيءَ ناهي هوندو. هي پکيءَ ڊگهن وڻن ۽ انساني آبادي جي ويجهو رهڻ گهڻو پسند ڪندو آهي. هن پکيءَ کي اڪثر جوڙي جي شڪل ۾ جهنگ ۾ ڏٺو وڃي ٿو مورا(نر) سان گڏ ڍيل (مادي) به هوندي آهي. پر ڪٿي ڪٿي هي نر توڙي مادي اڪيلو به جهنگ ۾ گهمندا رهندا آهن. مور ڍيل کان قد ۾ وڏو هوندو آهي ۽ سنڌس وڏو خوبصورت پڇ ۽ وڏي سجاڳ هوندو اٿس سنڌس ان پڇ جي هڪڙي ڪنپ جي ڊيگهه چار کان پنج فوٽ هوندي آهي ان ڪنپ جي جيڪا ڊگهي ڪاني يا ڪاني هوندي آهي ان جو رنگ بلڪل اڇو سفيد هوندو آهي ۽ ان سفيد ڪاني جي ٻنهي پاسن کان چار کان پنج انچ جا سونهري ۽ مولائم قسم جي وارن جهڙا تندڙا ڪنپ جي هوندا آهن ان سفيد ڪاني جي چيٽڙي ۾ انساني اک نما هڪڙي خوبصورت (گل) ٽڪلي هوندي آهي ان ٽڪلي جي وچ واري حصي جو رنگ هلڪو ڪاروءِ ان جي ٻاهر وارو پاسو بلو ڪلر جو هوندو آهي ۽ ان ٽڪليءَ جي ٻاهر وارن ٻنهي پاسن کان تندڙا وارن نما ڪنپ هوندا آهن جن جو رنگ هلڪو سائو هوندو آهي. مور جو اهو ڊگهو پڇ جولائي کان وڌڻ شروع ڪري ٿو ۽ آگسٽ يا سيپٽمبر تائين مڪمل ٿئي ٿو ۽ آڪٽوبر ۾ مور جو اهو ڊگهو پڇ ڪسڻ شروع ٿئي ٿو. مور جي انهي ڊگهي پڇ جي ڪري مور کي تيز هوا جي رخ ۾ هلڻ ۽ رات جو ٿاريءَ تي ننڊ ۽ آرام ڪرڻ وقت به ڪافي ڏکيائي ٿيندي ٿي. مور جي ڪل ڊيگهه جو سٺ سيڪڙو سندس پڇ جي ڪري ٿي هوندو آهي. مور پکيءَ چڱڻ ۽ ڪاڻڻ پيئڻ لاءِ ميداني علائقن ۽ ساون کيتن ۾ صبح ساجهر ۽ شام جي وقت ئي نڪرندا آهن ته مور به پاڻ ۾ گڏ گهمندي ڏٺا ويا آهن مور جي خوبصورت کنپن کي گڏ ڪري ڪي ماڻهو شهرن ۾ وڪڻي به سٺو ناڻو ڪمائين ٿا. مور پکيءَ جي خوبصورتي جا سيئي رنگ سندس کنپن ۾ هوندا آهن مور جي ڳچي به ڏاڍي خوبصورت هوندي آهي ان جي ڪنڌ تي به پڇ جيان ساڳي قسم ۽ ساڳي رنگ جا تندڙا وار ٿين ٿا فرق صرف اهو هوندو آهي ته پڇ تي ڊگها وار ڪنپ ٿين ٿا پر مور جي ڪنڌ تي تندڙا هجن ٿا. مور جا سڀ کان وڏ بد صورت هوندا آهن ته آهي سندس پير هوندا آهن جيڪي ڪارا ۽ ميري رنگ جا هوندا آهن. مور جي چهنب به ڪاري رنگ جي هوندي آهي. جنهن جو مٿيون پاسو نوڪدار هوندو آهي مور جڏهن بالغ ٿيندو آهي ته سندس چهنب هڪ انچ وڏي ويندي آهي. هن جي مٿي تي هڪڙو خوبصورت ٽوڙ ٿيندو آهي جنهن کي عام زبان ۾ موڙ چيو وڃي ٿو مور جي پير جي چنبي ۾ چار آڱريون هونديون آهن وچ واري آڱر سيئي کان وڏي هوندي آهي ۽ چنبي جي پاسي کان هڪ آڱر هوندي آهي ۽ هڪ آڱر چنبي جي پويان هوندي آهي. مور جي گوشت جو رنگ به هلڪو سائو هوندو آهي مور جي دل بيحد گهڻي نازڪ هوندي آهي ڪنهن اوچتي وڏي خوف جي ڪري به مور جي دل ڦاٽي پوندي آهي ۽ هو مري پوي ٿو. مور جي لاءِ بخار ۽ رائي کيت جهڙيون بيماريون خطرناڪ هونديون آهن مور سال ۾ ڍيل سان هڪ ڀيرو ميلاپ ڪري ٿو مور جي ميلاپ کان پوءِ پندرهن کان ارڙهن ڏينهن کان پوءِ ڍيل آنا ڏيڻ شروع ڪري ٿي. ڍيل جي آنن جو تعداد ٽي کان ڇهه هوندو آهي پر ڪا ڍيل اٺ آنا به ڏيندي آهي پر اهو تناسب سو مان ڪنهن هڪ ڍيل ۾ هوندو آهي. ڍيل جي هڪڙي آنيءَ جو وزن 130 کان 135 گرام هوندو آهي ڍيل جي آنن جو رنگ هلڪو سرمائي ۽ ميرانجهڙو هوندو آهي ڍيل آنا به انساني آبادي جي ويجهو لاهيندي آهي چوته ڪوبه خطرناڪ جانور سندس آنا کائي نه وڃي. ڍيل جو آريءَ تي ويهڻ جو ٽائيم وڌ کان وڌ ايڪهين ڏينهن هوندو آهي پر هن جديد دور ۾ مور جي آنن جي انڪيوبيٽر وسيلي جيڪا 37.8 سينٽي گريڊ تي هيچينگ ڪئي ويئي ان وسيلي مور جا ٻچا بيضن مان 25 ڏينهن کان 28 ڏينهن اندر ڦٽن ٿا. ان مور جا ٻچا بيضي مان ڦٽڻ وقت ئي هلڻ ڦرڻ ڪاڻ پيئڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. ڍيل جي آنا ڏيڻ ۽ لڳ ڪرڻ جو مهينو آگسٽ ۽ سيپٽمبر هوندو آهي پر ڪن ملڪن ۾ فيبروري ۽ مارچ ۾ به ڍيلون آنا لاهينديون آهن. ڍيل مور جي نسبت گهڻي قدر ڪوجهي هوندي آهي ڍيل پوريءَ رنگ جي هوندي آهي ۽ ڍيل جا به پير ميرا ۽ ڪوجها هوندا آهن ۽ ڍيل جو سينو ڪوڙو، تقريبن سفيد رنگ جو ٿيندو آهي قد ۾ مور کان ڍيل ننڍي هوندي آهي. مور جي ٻنهي اکين جي پاسن کان اڇي رنگ جون لڪيرون هونديون آهن جيڪي مور جي اکين جي سونهن کي وڌيڪ نروار ڪن ٿيون. قدرت جيڪا سونهن مور يعني نر ۾ رکي آهي اها ڍيل ۾ ناهي هوندي.

هن ست رنگي پکيءَ جو جنسي ميلاپ يا لڳ وارو عمل به ڏاڍو دلچسپ هوندو آهي جڏهن هن جو لڳ وارو وقت ايندو آهي ته هي ڍيل کي سامهون ڏسي خوشي وچان نچڻ شروع ڪندو آهي ۽ پنهنجي ڊگهي نيري ڳچي مٿي ڪري ۽ پنهنجا حسين رنگين وارا وڏا پر کولي يعني کيڙو ڪري ڍيل کي پنهنجي جنسي خواهش جو نياپو ڏي ٿو ته ڍيل سندس سونهن تي موهجي پوندي آهي ۽ سندس ويجهو اچي ويندي آهي ۽ انهن جنسي ميلاپ ٿي ويندو آهي پر ڍيل به هميشه پنهنجي پسند واري مور سان پنهنجا جنسي تعلق رکندي آهي چو ته جنسي معاملي ۾ ڍيل هڪ حساس ۽ شرميلي قسم جي هوندي آهي

ڪو زماني هو ته اها ڳالهه مشهور هئي ته ڍيل ۽ مور جو ڪوبه پاڻ ۾ جنسي ميلاپ ناهي ٿيندو صرف ڍيل ڪنهن مخصوص ٽائيم تي مور جي آيل اکين ۾ ڳوڙها پنهنجي چهنب سان پيءَ وڃي ٿي ۽ اٿين لڳ جو عمل مڪمل ٿئي ٿو هاڻوڪي جديد تحقيق کان سوين سال پهرين مولا علي عليه السلام پنهنجي ڪتاب نهج البلاغ ۾ فرمائين ٿا ته مور ۽ ڍيل به ٻين عام پکين جيان جنسي عمل ڪن ٿا جنهن کي هاڻوڪي سائنسي تحقيق اچي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته مور ۽ ڍيل پاڻ ۾ ٻين پکين جيان جنسي عمل ڪن ٿا. پکين تي تحقيق ڪندڙ پوري دنيا جا محقق ان ڳالهه تي متفق آهن ته دنيا ۾ مور کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه خوبصورت پکي ناهي. مور پکيءَ تي انتهائي گهڻي ۽ باريڪ بيني سان تحقيق ڪندڙ چارلس ڊارلن جنهن جي تحقيق کي ماهر ”حرفِ آخر“ جو درجو ڏيندا آهن. هڪ هنڌ لکي ٿو ته ” مور پکي پنهنجي جنسي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي مور يعني نر سان هم جنس پرستي ڪري ٿو. مور هڪ دلير قسم جو پکي آهي جيڪو مادي يعني ڍيل سان جنسي عمل ڪرڻ وقت ڪافي آريءَ هوندو آهي پر پنهنجي نسل جي واڌاري لاءِ هو مادي سان به جنسي عمل پڻ ڪري ٿو“ بارش ۾ سڀ کان گهڻو خوش ٿيندڙ مور پکيءَ جو ڪل وزن 4 کان 6 ڪلوگرام هوندو آهي جڏهن ته هن محبوب پکيءَ جي ڊيگهه 6 کان 7 فوٽ هوندي آهي هي اوچائي ۾ 20 کان 25 ميٽر مٿي فضا ۾ 16 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اڏامي سگهي ٿو مور پکي انڊيا ۽ برما جو قومي حيثيت رکندڙ پکي پڻ آهي. انڊيا ۾ سڀ کان گهڻا مور هريانا پنجاب راجستان ۽ بنگال ۾ هوندا آهن. ننڍي ڪنڊ جو مور پکي سڀ کان قديمي نسل وارو مور پکي آهي سڪندراعظم به هن ئي نسل جا مور يونان کڻي ويو هو ۽ ان کان پوءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مور پکيءَ جي نسل جو واڌارو ٿيڻ لڳو اصل ۾ سڄي دنيا ۾ موجود سيئي مور هن ئي ننڍي ڪنڊ جي نسل منجهان آهن پر مختلف ملڪن جي آبهوا کاڌخوراڪ ۽ مختلف موسمن جي ڪري انهن جي رنگ سونهن ۽ قد بت ۾ فرق آيو آهي.

چين دنيا جو اهو واحد ملڪ آهي جتي سڀ کان پهرين مورن جي پالنا ڪئي ويئي ۽ اڄ به اتي هلي اها مورن جي پالنا فارمن جي صورت ۾ ڪئي وڃي انهن فارمن مان هو هن وقت ڏيهي توڙي پرڏيهي سٺو ناڻو ڪمائي رهيو آهي. هن قدرتي ۽ فطري حسن واري پکيءَ جي نسل بچائڻ جو امين پڻ آهي. ٿورو وقت اڳ آفريڪا ۾ مور پکيءَ جو نسل بلڪل ختم ٿي رهيو هو پر آفريڪا جي حڪومت هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺي هن خوبصورت پکيءَ جو نسل بچائي ورتو. هن وقت آفريڪا ۾ تمام گهڻا مورن جا فارم هائوس موجود آهن ۽ اتي جي ماڻهن کي مورن جي فارم هائوس کولڻ لاءِ آسان قسطن تي گورنمينٽ قرض به ڏئي رهي آهي. انڊيا ۽ بنگلاديش ۾ به مورن جي نسل جي واڌاري ۽ بچاءَ لاءِ پڻ فارم هائوس کوليا ويا آهن. پاڪستان ۾ پنجاب جي شهر سرگوڌا جي پاسي ۾ قلوار 10 چڪ جي علائقي ۾ چوڌري رضوان جو پکين جو هڪ وڏو فارم هائوس آهي جنهن ۾ سڀ کان گهڻا مور رکيل آهن ان فارم ۾ مورن جا ڪافي ڏيهي ۽ پرڏيهي نسل موجود آهن جنهن ۾ جرمني جا مور به رکيل آهن هن پکيءَ کي انساني ڏندڪٿائن ۾ به وڏي اهميت مليل آهي يوناني ديومالائي ڪردار زي ايس ديوتا ۽ هيرا ديويءَ جي تعلقات کي به بهتر بنائيندي هي پکيءَ چڱو سهولتڪار جو ڪردار ادا ڪري ٿو هندو ميٿالوجي ۾ به مور جي وڏي اهميت آهي مور کي وشنو ڀڳوان جي سواري، پڻ سمجهيو ويندو آهي مور قديم روم ۽ يونان جي بادشاهن جي محلن ۽ سندن دربار جي ان زماني ۾ سونهن رهيا آهن مور جا کنپ مسجدن مندرن ۽ مختلف مقدس ڪتابن ۾ به رکيا وڃن ٿا. مور پکين جي رهڻ جا ٺڪاڻا سرمائيدارن جي بنگلن ۽ حويلين جي اوچن برجن ڪانسواءِ صوفين جي درگاهن تي به هوندا آهن پنجاب جي شهر چڪوال جي ڪلري واري علائقي ۾ موجود بابا هوبهو جي درگاهه تي به گهڻي تعداد ۾ مور پکي رهن ٿا انهي درگاهه سان هڪ روايت منسوب آهي ته ڪوبه شخص هن درگاهه تان مور پکيءَ جوراڻڻ جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي اکين جي نظر ختم ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. هن وقت سنڌ اندر انسانيت جي علمبردار فقير غلام حيدر لغاري جا (فقيرائنا ڪڪ) به مورن جي رونق جو مرڪز آهن جتي آيل مهمانن جي دلچسپي ۽ سندس اوطاق جي ڪشادي اڱڻ جي سونهن جو سبب پڻ بڻيل آهن. جن کي فقير سائين پاڻ پنهنجي هٿن سان چوڳو ڏئي ٿو. پالتو مور انسانن سان وفادار، سجاڳ ۽ پيار ڪندڙ هوندو آهي ۽ مور نانگ جو ازلي، دشمن آهي مور ۽ نانگ جي ويڙهه به ڏسڻ وٽان هوندي آهي ڪيڏو به ڪندار نانگ چونه هجي پر مور جي هڪڙي رڙ به ٻڌي ورتس ته ٻر مان ٻاهر نه نڪرندو.

لطيف سائين مور ۽ نانگ جو تذڪرو هن ريت ڪيو آهي ته

ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذات کي، مورَ به هٿائين؛
جي چِتُرا چِڪِيا ڪري، ته وڳ ورائي ڏين؛
ساڻُ سمورا تِين، جي مَنين پاڻي موتِيا.
دمگن جي ڪنهن ڪنهن بجڙي ذات کان مور به پاسو ڪيو وڃن (هو مور،
سُرُ ڪارايل، داستان ٻيو، بيت 5

نانگن جي ڪنهن ڪنهن بجڙي ذات کان مور به پاسو ڪيو وڃن (هون، مور نانگ کي وچان ڪٽين، وٺيون ڪنهن اوچائيءَ تان هيٺ سٽي، ۽ اٿين ڪيس ڦنا ڪيو ڇڏي) جي اها بجڙي ذات، چترائيءَ يا چالاڪيءَ سان ڪڪي وڃي . ته هوا(مور) پنهنجا سمورا ساڻ موتائي هليا وڃن جو مور نانگن جي انهيءَ ذات کي نحس سمجهي موتيا ته پوءِ پنهنجا سمورا وڳ انهيءَ ماڳ تان لڏايو وڃن.

مور جهنگلي جيتن ڪرڙين ڪانسواءِ گاهه ۽ جانور ، ڪڪ ، سورج مکي، جو ٻج ٻاجهر ۽ ماني شوق سان کائي ٿو سنڌ ۾ ٻين ناياب پکين جيان مور کي مارڻ ۽ اسمگلنگ ڪرڻ تي پابندي آهي مور پکيءَ جا تحفا به ماڻهو هڪٻئي کي ڏيندا آهن خاص طور ڪاموري طبقي کي مور جهڙو حسين پکي ملندو آهي ته خوش ٿيندو آهي مور پکيءَ طب جي دنيا ۾ به وڏي اهميت رکندڙ پکي پڻ آهي مور جي کنپن مان حڪيم پنهنجي حڪمت سان بي اولاديءَ جي دوا ناهين ٿا. ۽ مور جو گوشت مردانگي حرارت جي اضافي لاءِ به انتهائي گهڻي اهميت جو حامل هوندو آهي مور پکيءَ جي هڏي مان پس يعني انساني چمڙي تي نڪتل داغن کي ختم ڪرڻ واري دوا پڻ ناهي وڃي ٿي مور جي پتي مان حڪمت جا ماهر حڪيم دستن کن ۽ اک جي مرض جي بهترين دوا ناهين ٿا. مور جو گوشت بهار ۽ سردي جي موسم ۾ کائڻ گهرجي ۽ گرمي ۾ نقصانڪار هوندو آهي. مور پکيءَ جي سراسر زندگي 15 کان 20 سال هوندي آهي.

هن دلڪش پکيءَ جي سونهن کان متاثر ٿي سنڌ جي تمام وڏن شاعرن کان ويندي هن دور جي شاعرن پنهنجي شاعري تخليق ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مورن لاءِ سُر ڪارايل لکيل آهي ڪارايل لفظ جي معني ”مور“ آهي هن سر ۾ مور جي ڳڻن کي ساراهيو ويو آهي حقيقت ۾ هن سر ۾ سچن عاشقن کي مورن سان مشابهت ڏني وئي آهي جيئن هڪ بيت آهي ته

ويا مور مري هنج نه رهيو هيڪڙو .
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيرن جو

سمجهاڻي: مرُئي مور (سچا انسان) مري ويا ۽ هڪڙو به هنج (ڪامل درويش) هينئر دنيا ۾ نه رهيو آهي هي سائيهه(جهان) ڪوڙن ڪانيرن (دولابي ۽ ڪميڻن انسانن) جوئي پيو آهي

روحاني راز موجب لطيف سرڪار فرمائي ٿو ته دنيا مان خوبصورتي (انسانيت) ختم ٿي وئي آهي ۽ (ڪرڙ) گندگيءَ ان جي جاءِ والاري آهي

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هينان نينهنَ جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجل سامهون.

اسرائيل پاران غزا تي ائٽم بم ڪيرائڻ جي ڌمڪيين تي تماشائي بڻيل عالمي طاقتون

تحرير: عبدالسميع وسير

اسرائيل پاران فلسطين تي ظلم ۽ بربريت جي تاريخ گذريل ڪيترن ئي سالن کان پئي هلي . پر هاڻ اها ايتري ته خطرناڪ شڪل اختيار ڪري وئي آهي جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي اسرائيل جي بدمست رياست جرمني جي نازي حڪومت کان به اڳتي نڪري چڪي آهي اسرائيل پاران فلسطين جي شهرن جي اسڪولن ، اسپتالن ۽ ايمبولينسن تي بمباري ڪئي وئي آهي جيڪا اڃان تائين جاري آهي بمباري جي نتيجي ۾ هن وقت تائين اٽڪل ڏهه هزار کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن جنهن ۾ مرد عورتون توڙي معصوم ٻارڙا شامل آهن ۽ زخمين جو تعداد پڻ پنجويهه هزار کان وڌي ويو آهي اسرائيل پاران هاڻ فلسطينين جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي، جيئن ڪوبه فلسطيني نسل جو فرد نه بچي اسرائيل جي اهڙي ظلم جي جيتري مذمت ڪجي اوتري گهٽ آهي

سوال هي آهي ته عالمي طاقتون جيڪي پنهنجي پاڻ کي امن جون ٺيڪيدار سمجهن ٿيون ۽ نام نهاد امن جي پرچار ڪن ٿيون ته اهي هن ايڏي وڏي مسئلي تي خاموش چو آهن؟ گڏيل قومون (United Nations Organization)، جيڪا دعوا ڪندي آهي ان ٺهڻ جو مقصد دنيا کي جنگ کان روڪڻ ۽ ملڪي معاملن کي ڳالهين جي ذريعي حل ڪرائڻ آهي . پر حقيقت ان جي مڪمل اُبتڙ آهي ۽ هي طاقتور سامراجي ملڪن جي بچاءَ لاءِ ۽ انهن کي تحفظ ڏيندي آهي ۽ انهن جي غلط فيصلن جو دفاع ڪرڻ کان سواءِ ان جو ڪوبه عالمي فائدو عوام کي نه مليو آهي دنيا جي هر مسئلي تي اسان کي يا ته گڏيل قومون نظرانداز ڪندي نظر اينديون يا وري اهيان مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ريون آهن فلسطين هجي توڙي ڪشمير،لبنان يا شام انهن مسئلن جي حل لاءِ ان جو ڪوبه ڪردار نظر نه ايندو چو ته گڏيل قومون پنهنجي پاڻ ۾ هڪ عالمي سامراجي طاقتن جو ماتحت بڻجي چڪي آهي

آمريڪي پرڏيهي وزير پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته جيستائين آمريڪا جو وجود آهي تيستائين اسرائيل جو وجود رهندو آمريڪي وزير جو هي بيان ان ڳالهه کي چٽو ڪري ٿو ته آمريڪا اسرائيل جي پنهرائي ڪري رهيو آهي هجڻ ته ائين گهرجي ها ته عالمي عدالت (International Court Of Justice)، پاڻمرادو آمريڪي پرڏيهي وزير جي هن بيان جو نوٽس وٺي ان تي ڪيس ڪري ها چو ته اسرائيل جي بربريت کي هٿي ڏيڻ ۾ آمريڪا جو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي آمريڪا تي نوٽيس ته پري جي ڳالهه آهي پر عالمي عدالت ۾ ايتري جرئت نه آهي جو هو اسرائيل خلاف نوٽس وٺي چو ته اسرائيل ، عالمي انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪري رهيو آهي. جن ۾ جنگي ڏوهه شامل آهن برطانيا پاران ته هي ڳالهه به ڪئي وئي آهي ته اسرائيل کي پنهنجو دفاع ڪرڻ جو پورو حق آهي . اسرائيل فلسطين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جي دنيا جون ترقي پسند تنظيمون ان ڳالهه کي چڱيءَ ريت سمجهن ٿيون ته عالمي سامراجي طاقتون دنيا تي پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جون حڪمت عمليون جوڙن ٿيون جيئن دنيا ۾ انهن جو راڄ قائم رهي سگهي

ڪجهه ڏينهن اڳ زيونيسٽ پارليمينٽ جي هڪ ميمبر پاران تجويز ڏني وئي آهي ته فلسطين تي هاڻ ائٽم بم جو حملو ڪيو وڃي سوال هي پيدا ٿئي ٿو ته آخر اسرائيلي رياست ايڏي انتهاپسندي تي چو پهتي آهي ؟ ان جو جواب ڪجهه هن ريت ملندو ته اسرائيلي رياست جو موقف آهي ته فلسطين جي سرزمين اسان لاءِ مذهبي اهميت ٿي رکي ۽ هيءَ اسان جي زمين آهي . مطلب ته مذهبي بنيادن جي ڪري اڄ اسرائيل ظلم جي انتها تي پهتو آهي تاريخ ۾ اهڙا ڪئي واقعا ملن ٿا جن ۾ سياسي معاملن ۾ مذهب کي داخل ڪيو ويو ۽ ان مذهب جي مداخلت جي ڪري تمام وڏو نقصان پهتو آهي . ماضي جا ڪتاب اهڙن واقعن سان ڀريا پيا آهن

اڄ فلسطين ۽ اسرائيل جو ڪيس جڏهن ڏسنداسين ته اسان کي ساڳي ماضي جو عڪس ملندو ته ڪيئن اسرائيلي رياست مذهبي زور تي هزارن ماڻهن کي قتل ڪيو . زخمي ۽ بي گهر ڪيو غزا جي داخلي رستن تي اسرائيل جو سخت محاصرو آهي . ان محاصري سامان جي داخلا کي روڪي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ پاڻي، کاڌو ۽ ايندهن شامل آهن. غزا جي پٽي ۾ 2 ملين کان وڌيڪ ماڻهو زنده رهڻ جي جدوجهد ڪري رهيا آهن. غزا جي پٽي تي اسرائيل جي 16 سالن کان جاري غيرقانوني بندش مان پيدا ٿيندڙ انساني تباهي صرف ان صورت ۾ وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچندي جڏهن ويڙهه فوري طور بند ڪئي ويندي

دنيا جون سموريون امن پسند قوتون هي گهر ڪن ٿيون ته فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جلد کان جلد جنگبندي ڪئي وڃي سيني ڌرين پاران غير قانوني حملن کي روڪيندي، غزا ۾ وڌندڙ موت جي تعداد کي روڪيو وڃي ۽ امدادي ادارن کي زندگي بچائڻ واري امداد، پاڻي ۽ طبي سامان حاصل ڪرڻ لاءِ پٽي ۾ انساني مصيبت جي سخت سطح کي حل ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن اهو پڻ ضروري آهي ته اسپتالن کي زندگي بچائڻ واريون دوائون، ايندهن ۽ سامان حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي جنهن جي انهن کي سخت ضرورت آهي جنگبندي (Ceasefire)لاءِ پوري دنيا جي ترقي پسند سوچ رکندڙ ۽ ڌرتي تي امن چاهيندڙ عوام احتجاج ڪري رهي آهي ۽ پنهنجي ملڪ جي حڪومت اڳيان مطالبو رکي رهي آهي ته هو عالمي طاقتن کي مجبور ڪن ته هو فلسطين جي مفاد ٿيندڙ حملن کي روڪڻ ۾ ڪردار ادا ڪن سياسي سطح تي چند اهڙا ملڪ آهن جن اسرائيل جي ظلم جي مذمت ڪئي آهي ۽ ان سان سيني سياسي لاڳاپن ڪان لاتعلقي جو اظهار به ڪيو اٿن چو ته هو ان ڳالهه کان واقف آهن ته اسرائيل خلاف فلسطين جيڪا جنگ وڙهي رهيو آهي اصل ۾ اها جنگ فلسطين جي قومي آزادي جي جنگ آهي ۽ آزادي هر مظلوم قوم جو بنيادي حق آهي

آمريڪي پرڏيهي وزير پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته جيستائين آمريڪا جو وجود آهي تيستائين اسرائيل جو وجود رهندو آمريڪي وزير جو هي بيان ان ڳالهه کي چٽو ڪري ٿو ته آمريڪا اسرائيل جي پليرائي ڪري رهيو آهي هجڻ ته ائين گهرجي ها ته عالمي عدالت (International Court Of Justice)، پاڻمرادو آمريڪي پرڏيهي وزير جي هن بيان جو نوٽس وٺي ان تي ڪيس ڪري ها چو ته اسرائيل جي بربريت کي هٿي ڏيڻ ۾ آمريڪا جو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي

بقايا *** 01

79 ارب رُپيا وڌيا، جنهن کانپوءِ بئنڪن جي ڊپازٽس 26 هزار 397 ارب رُپيا رهيا. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل تفصيلن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته آڪٽوبر ۾ بئنڪن چاليهه ارب رُپيا قرض ڏنو ان ئي مهيني تائين بئنڪن جي قرضن ڪاٿو يارنهن هزار 897 ارب رُپيا رهيو اسٽيٽ بئنڪ موجب، آڪٽوبر ۾ بئنڪن جي سيڙپڪاري جو ڪاٿو 610 رُپيا رهيو جڏهن ته آڪٽوبر تائين سيڙپڪاري ڪاٿو 23 هزار 232 ارب رُپيا رهيو ان ڪانسواءِ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران ٽي ڏهائي 17 ارب ڊالر پرڏيهي قرضن جي سروسنگ تي خرچ ٿيا، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران به ڏهائي 017 ڊالر قرضن جي اصل تي خرچ ٿيا. اسٽيٽ بئنڪ موجب، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران هڪ ڏهائي 157 ارب ڊالر قرضن جي وياج ادائيگي تي خرچ ٿيا.

بقايا *** 02

۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار پاران رشيد اي رضوي پيش ٿيا. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته بينچ جي جوڙجڪ بابت ڳالهيون هلي رهيون هيون. وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو ته مان بينچ تبديل ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيان. جسٽس منصور کي ان ڪري بينچ ۾ شامل ڪيو جو هو ماضي ۾ هي ڪيس ٻڌي چڪو آهي، سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته 2019 جا ڪيس اڄ تائين مقرر چو نه ٿيا. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 21 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي

بقايا *** 03

قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي اجلاس ۾ جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي خلاف ريفرنس تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي 10 نومبر تائين جواب طلب ڪيو ويو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي شوڪاز نوٽيس جو جواب ڏيڻ بدران پاڻ ئي ڪائونسل جي قيام تي اعتراض اٿاريو آهي. ذريعن موجب جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ، جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس نعيم اختر افغان تي اعتراض اٿاريا. ذريعن جو چوڻ آهي ته جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ داخل ريفرنسز ۽ ثبوتن جو سمورو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب جسٽس مظاهر نقوي جو چوڻ آهي ته سپريم جوڊيشل ڪائونسل جا ميمبر مون سان تعصب رکندڙ آهن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ جسٽس نعيم اختر افغان آڊيو ليڪس انڪوائري ڪميشن جو حصو آهن. آڊيو ليڪس انڪوائري ڪميشن جا ميمبر منهنجي خلاف عدالتي ڪميشن جو حصو نه بڻجن. انصاف جي تقاضائن کي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ چيف جسٽس فائز عيسيٰ عيسيٰ ۽ جسٽس نعيم افغان کي منهنجي خلاف ڪائونسل جو حصو نه بڻايو وڃي. جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي چيو ته متعصب سپريم جوڊيشل ڪائونسل پاران جاري ڪيل شوڪاز نوٽيس به تعصب آهي جنهن جو جواب نٿو ڏئي سگهجي. سپريم جوڊيشل ڪائونسل صرف اڪثريت سان صدر کي حتمي راءِ موڪلي سگهي ٿي. جج خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي اتفاق راءِ سان ئي ممڪن آهي. آئين سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي قانون ناهڻ جي اجازت نٿو ڏئي. چيف جسٽس ۽ جسٽس سردار طارق اڳ ئي جوڊيشل ڪائونسل رولز کي غير آئيني قرار ڏئي چڪا آهن. هن پنهنجي اعتراض ۾ چيو ته پڻ ججن شوڪاز نوٽيس ۾ موقف تبديل ڪرڻ جو ڪو به سبب ناهي ٻڌايو سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايتن تي بحث ٿيو ۽ ڪنهن کان به معلومات نه ورتي وئي. جسٽس سردار طارق ڪيس ۾ وڪيل کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪندي ثبوت طلب ڪري ورتا. منهنجي ڪيس ۾ شڪايت ڪندڙ کي نه سڏيو ويو ۽ نه ئي وڌيڪ معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مون کي اهو موقعو نه مليو جيڪو جسٽس سردار طارق کي ڪائونسل طرفان ڏنو ويو هو جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي اهو به چيو ته شوڪاز نوٽيس ۾ ڪوبه الزام ناهي لڳايو ويو. شوڪاز بابت 10 شڪايتن ۾ بي بنياد الزام آهن جن جو ڪوبه ثبوت ناهي. منهنجو اهو چوڻ صحيح آهي ته منهنجي خلاف ڪارروائي سياسي بنيادن تي ٿي رهي آهي. منهنجي خلاف ڪارروائي غير قانوني ۽ نامناسب آهي. سندس چوڻ آهي ته جسٽس سردار طارق مسعود منهنجي خلاف ريفرنس تي قانوني راءِ ڏئي چڪو آهي. جسٽس عرفان سعادت جي حلف برداري واري تقريب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي جسٽس سردار طارق مسعود منهنجي باري ۾ طنزيه انداز ۾ ڳالهايو. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي پنهنجي ريفرنس ۾ جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس سردار طارق پاڻ کي الڳ الڳ اعتراض واري نقطي تي جيو هو ته منهنجي خلاف سموريون شڪايتون بي بنياد ۽ مفروضن جي بنياد تي رد ڪيون وڃن.

بقايا *** 04

وڃي ها ته سندس سياسي قد وڌي ها. خورشيد شاهه پنهنجي تازي بيان ۾ مسلم ليگ ن تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته ترقي جي دعويٰ ڪندڙن موٽر وي ناهڻ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڪيو وزيراعظم هائوس اڄ به انهن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي اڳ ۾ هئا. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي زبردستي اقتدار ۾ آندو ويو ته ملڪ کي نقصان پهچندو. خورشيد شاهه جو چوڻ آهي ته سڄي دنيا ۾ ووٽنگ دوران ڪنهن جي به مداخلت ناهي. هن چيو ته 2024ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن بابت هن چيو ته سياسي پارٽين جو استحقاق آهي ته اهي الڳ الڳ چونڊون وڙهن يا اتحاد ڪري چونڊون وڙهن پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته اسان پيپلز پارٽي الزام تراشي جي سياست نٿا ڪريون. اسان عوام آڏو جوابده آهيون. نگران حڪومت چوي ٿي ته فلسطين مسئلي تي ڪجهه نه ٿا ڪري سگهون. نگران حڪومت کي فلسطين مسئلي تي آواز اٿارڻ گهرجي. خورشيد شاهه اهو به چيو آهي ته فلسطين جي صورتحال تي مسلمانن جي لاچاري نظر اچي رهي آهي.

بقايا *** 05

بابت ڏنل بيان کي پارٽي پاليسي نه هُجڻ قرار ڏئي ڇڏيو عاجز ڌامراهه کان سوال ڪيو ويو ته اوهان جي قيادت چوي ٿي ته افغاني ويچارا ڪيڏانهن ويندا ته ڇا آهي ڪراچي ۾ ئي رهڻ گهرجن؟. جنهن تي عاجز ڌامراهه جواب ڏنو ته افغانين جي حوالي سان اها پارٽي پاليسي ناهي ته اهي اتي رهن. افغانين سميت سمورن غير قانوني رهندڙ پرڏيهين کي فوري واپس اماڻيو وڃي

بقايا *** 06

چوڪن کي ترقي وٺرايو وڃي. ان لاءِ جيترو ٿي سگهي عوامي هنڌ فراهم ڪيا وڃن. شهرين ڏانهن. هن چيو ته ڪنهن به شهر کي رهڻ لائق بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن پبلڪ اسپيس ناهيا وڃن ته ان جي پس منظر ۾ معاشي سرگرمين به پنهنجي جاءِ ٺاهينديون آهن هن چيو ته مون کي اميد آهي ته هن شهر جو عوام 8 فيبروري تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اهڙي طرح ووٽ ڏيندو، جهڙي طرح ميونسپل اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي کٽي هئي. جڏهن کي ايم سي ۽ صوبائي حڪومت گڏجي ڪم ڪري ته ان سان شهر جي عوام کي فائدو ٿيندو. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته هر اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جو رستو روڪڻ لاءِ مصنوعي پارٽي ناهڻ جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ چيو ته اوهان صحيح ڪم ڪري رهيا آهيو. ڪيس وزيراعظم بڻائڻ لاءِ به وڏي محنت ڪئي. هن چيو ته ملڪ ۽ قومي مفاد لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو. اها وقت جي ضرورت هئي ۽ وقت جي ضرورت چو ان ڪري هڪ ملڪ جو معاشي بحران هو. ٻيو پرڏيهي سطح تي بحران هو سياسي ۽ جمهوري بحران به هو. اسان ان کي بهتر بڻائڻ چاهيون ٿا. ان سان گڏ ڪجهه مسئلا هئا. جن کي حل ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته پيپلز پارٽي 2013 کان اپوزيشن ۾ آهي. صوبي جي حقن تي حملا ڪيا پيا وڃن. انهن سان گڏ رهڻ سان اسان کي ضرور فائدو ٿيو. چاهي اها NICVDاسپتال هجي يا ٻوڏ متاثرين جي امداد. ان سلسلي ۾ اسان کي فائدو ٿيو سيڪريٽري آف اسٽيٽ جي حيثيت سان مان وڌيڪ سرگرم ٿيس ۽ ٻوڏ متاثرين کي فائدو پهچايو پ پ چيئرمين جو چوڻ هو ته مسلم ليگ (ن) ۽ متحده قومي موومينٽ يا مهاجر قومي موومينٽ جو اتحاد سنڌن پارٽي کي نقصان گهٽ ۽ فائدو وڌيڪ ڏيندو جي يو آءِ (ف) بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مولانا فضل الرحمان جي سياست سڄي ملڪ ۾ آهي. پيپلز پارٽي ساڻس رابطي ۾ رهندي. اهي متحد ٿي سگهن ٿا ۽ هڪ ٻئي خلاف چونڊون وڙهن. هن چيو ته خيبرپختونخواهه کان ڪراچي تائين سيني جو هڪ ئي مطالبو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي تير جي نشان تي هر تڪ تان اليڪشن وڙهندي. چونڊون ۾ ڪاميابي يقيني آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان جي عوام جو شعور وڌي چڪو آهي. عوام چاهي ٿو ته سندن نمائندا اصولي هجن. هن چيو ته عوام سمجهي ٿو ته جن نمائندن ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ نه بيٺا اهي عوام سان گڏ بيهندا. هن چيو ته پارٽي سان بيوفائي ڪندڙن کي اليڪشن ۾ قيمت ادا ڪرڻي پوندي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي اڄ ياد آيو ته آئين ۽ جمهوريت به ڪا شيءِ آهي. جڏهن ته ڪالهه تائين جمهوريت ۽ آئين تي يقين نه هئي. هن چيو ته هي پي ٽي آءِ لاءِ سياسي سفر ۾ سکڻ جو موقعو آهي. ان موقعي تي سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاهه، ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب، سعيد غني، شهلا رضا ۽ ٻيا اڳواڻ به ساڻس گڏ هئا.

بقايا *** 07

ڪريسنٽ موجب، اسرائيل تل الحوا جي علائقي ۾ القدس اسپتال تي وڏي بمباري ڪئي، جتي عملي، مريض ۽ 14 هزار کان وڌيڪ بي گهر ماڻهو موجود آهن. العوده اسپتال جي ڊائريڪٽر جو چوڻ هو ته بمباري سبب اسپتال جو عملو زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال جي سهولتن کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي. اسان کي طبي سهولتون جاري رکڻ ۾ وڏي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. خليجي ميڊيا موجب الشفا جنرل اسپتال جي ڊائريڪٽر جو چوڻ آهي ته جمعي جي ڏينهن الشفا اسپتال تي اسرائيلي بمباري ۾ هڪ ٻار سميت 6 ڄڻا شهيد ٿي ويا. فلسطيني ميڊيا جو چوڻ آهي ته نابلس جي اوير ۾ اسڪر ڪيمپ ۾ فلسطيني مزاحمت جي ويڙهاڪن جو قابض فوج سان جهيڙو ٿي پيو قابض اسرائيلي فورسز رام الله جي اتر ۾ الجلازون ڪيمپ تي حملو ڪري ڏنو، مزاحمت ڪندڙن قابض اسرائيلي فورسز تي ڌماڪيدار مادو سان حملو ڪيو جنهن تي قابض اسرائيلي فوجن فائرنگ ڪئي. فوجين بيت لحم ۾ عداح ڪئمپ تي حملو ڪيو فلسطيني ميڊيا موجب ڪيترن ئي زخمين کي انڊونيشيا جي اسپتال پهچايو پر اسرائيلي فوجي جهازن انڊونيشيا جي اسپتال جي پرسان به بمباري ڪئي، انڊونيشيا جي اسپتال جي سامهون رهائشي اپارٽمنٽ کي به نشانو بڻايو ويو

بقايا *** 08

ورتو ويو ان موقعي تي گهرو سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ، ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل پوليس ڪراچي، ڪمشنر ڪراچي، ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان رينجرز (سنڌ)، ڊي آءِ جي ايس پي يو ڊي آءِ جي پي، سي ٽي، اسپيشل برانچ، ڪراچي زونل ڊي آءِ جيز، مختلف انٽيليجنس ايجنسين جي سينيئر نمائندن ۽ نادرا جي نمائندن ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز مختلف ادارن ۽ ضلعي انتظاميا پاران وطن واپس ويندڙ مهاجرن کي سهولتون ۽ رهائش فراهم ڪرڻ جي ڪردار کي ساراهيو هن چيو ته غيرقانوني مهاجرن جي واپسي بابت اڳيرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ هر اڱاري تي هڪ فالو اپ اجلاس منعقد ڪيو وڃي. نگران گهرو وزير غير قانوني مهاجرن جي واپسي جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته سنڌ جي ناڻي کاتي غير قانوني ڌارين جي واپسي جي عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ گهربل فنڊ جاري ڪري ڇڏيا آهن. نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته غير قانوني مهاجرن جي واپسي جي خرچ تي ضابطو آڻڻ لاءِ قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. هن چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ امن امان کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي. نگران گهرو وزير سنڌ برگيڊيئر (ر) حارث نواز پوليس ۽ رينجرز کي هدايت ڪئي ته هو هر سطح تي سڪيورٽي اپاءَ کي مربوط انداز ۾ يقيني بڻائين ۽ انٽيليجنس سروسز ذريعي وڌيڪ اضافو ڪن اجلاس ۾ شهر ۾ خاص ڪري تعليمي ادارن ۾ منشيات جي لعنت جي خاتمي تي به غور ويچار ڪيو ويو برگيڊيئر (ر) حارث نواز منشيات جي خريد و فروخت ۾ ملوث عنصرن. انهن جي ڪارڪنن ۽ سرپرستن خلاف جاري آپريشن کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته سي پيڪ ۽ نان سي پيڪ سمورن ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي فول پروف سڪيورٽي اولين ترجيح آهي ان ڪري حفاظتي قدمن کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا *** 09

صدارتي آفيس وائيٽ هائوس جي پڌرائي موجب اسرائيل خاطري ڪرائي آهي ته اڄ کان غزه تي حملن ۾ چار ڪلاڪن جو وقفو ڪيو ويندو، وقفي دوران غزه جي متاثرين ۽ زخمين تائين عالمي ادارن جي امداد پهچائي ويندي. آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو آهي ته اسرائيل جو اهو قدم درست رخ ۾ آهي، آمريڪا علائقي جي متاثرين تائين امداد پهچائڻ جي حمايت جاري رکندو. ان کان اڳ اسرائيلي فوج پاران به چيو ويو ته غزه جي شهرين تائين امداد جي رسائي لاءِ حملن ۾ وقفا ڪيا پيا وڃن پر ڪا به فائربندي نه ڪئي ويندي. غزه تي اسرائيل جي بمباري ۽ حملن ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ وڌي 10 هزار 800 ٿي ويو. غزه جي صحت واري کاتي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته شهيدن ۾ 4 هزار 400 ٻارڙا به شامل آهن.

بقايا *** 10

جي آءِ ايس آءِ نديم انجم جي ملازمت جي مدي ۾ واڌ ڪئي وئي آهي، واڌ جو مقصد پاليسي جي تسلسل کي برقرار رکڻ آهي. عرب ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته ڊي جي آءِ ايس آءِ نديم انجم هلندڙ سال رٽائر ٿين وارو هو رياست کي ملازمت جي مدي ۾ واڌ جو اختيار حاصل آهي. اها ڪا غيرمعمولي ڳالهه ناهي.

بقايا *** 11

مصطفيٰ ڪوراڻي کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو.خالد مصطفيٰ ڪوراڻي کي فوري طور سي پي او رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ڊاڪٽر محمد عمران کي ايس ايس پي شڪارپور مقرر ڪيو ويو آهي.ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته سنڌ حڪومت شڪارپور ۾ بدامني سبب خالد مصطفيٰ ڪوراڻي کان ناراض هئي.خالد مصطفيٰ ڪوراڻي تي سندس ماتحت ڊي ايس پي به سنگين الزام لڳايا هئا ۽ هن کي نفسياتي مريض قرار پڻ ڏنو هو

بقايا *** 12

نه آهي حافظ نعيم الرحمان پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ فلسطين جي صورتحال تي ڳالهائيندي چيو ته غزه ۾ اسرائيل طرفان مسلسل بمباري ٿي رهي آهي، آمريڪا اسرائيل جي سرپرستي ڪري رهيو آهي.هن چيو ته اسرائيلي بمباري ۾ هن وقت تائين 11 هزار فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن.

بقايا *** 13

جائيداد ۽ اثاثا واپس ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو احتساب عدالت جي جج محمد بشير نواز شريف جي جائيداد واپسي جو حڪم جاري ڪيو عدالت نواز شريف جي پراپرٽين گاڏيون ۽ بئنڪ اڪائونٽس واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا *** 14

ڪئي ته هو وفاقي ناڻي واري وزارت کي هدايت ڏئي ته سنڌ مان اوڳاڙيل 22 ارب رپيا سنڌ کي واپس ڪيا وڃن.

بقايا *** 15

اڄ به نه ٻڌايو، عدالت محفوظ ڪيل فيصلو 20 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. 6 سال اڳ شادي کان انڪار ڪرڻ تي جوابدار خانو نوحاڻي گهر ۾ گهڙي ڪلاشن ڪوف جا برسٽ هڻي تانيا خاصخيلي کي قتل ڪيو هو. تانيا خاصخيلي جي امڙ انصاف لاءِ اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه جي پيرن تي به ڪري پئي هئي. تانيه خاصخيلي جي امڙ فوت ٿي چڪي آهي. شهيد ٿيل تانيه جو ڪيس سندس ڀيڻ دعا خاصخيلي وڙهي رهي آهي. دعا خاصخيلي جو چوڻ آهي ته عدالت مان انصاف جي پوري اميد آهي

بقايا *** 16

.ڊسڪوز واهپيدارن تي باويهه ارب 56 ڪروڙ رُپين جو اضافي بوجهه منتقل ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي آهي. جولاءِ کان سيپٽمبر جي ايڊجسٽمينٽ کي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو هوندي. نيپرا هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ لاءِ نظرثاني نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته حڪومت گائيڊ لائنز تحت جولاءِ کان سيپٽمبر جي ايڊجسٽمينٽ جو هڪ جيترو ٽيرف رکيو ويندو، نيپرا پڌرائي موجب جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 ع جي ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ درخواست نيپرا ۾ داخل ڪئي وئي آهي. نيپرا ۾ پهرين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي درخواست جي بابت 14 نومبر تي ٻڌڻي ٿيندي. بجلي جي ورچ ڪندڙ ڪمپنين ڪيپسٽي چارجز جي مد ۾ 12 ارب 12 ڪروڙ 60 لک رُپيا اوڳاڙي جي اجازت گهري آهي. يوز آف سسٽم چارجز تحت ڏهه ارب 24 ڪروڙ 70 لک رُپيا اوڳاڙي جي درخواست ڪئي وئي آهي جڏهن ته آپريشن اينڊ مينٽيننس جي مد ۾ چار ارب 61 ڪروڙ سترلک رُپيا ۽ نقصانن جي مد ۾ ڇهه ارب 61 ڪروڙ ستر لک رُپيا اوڳاڙڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 17

ڏينهن جا نه آهن. پي آءِ اي نجڪاري جي لسٽ ۾ شامل آهي سينيٽ جو اجلاس چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن دوران نگران اطلاعات واري وزير ايوان ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته گذريل حڪومت نجڪاري جو منصوبو ڏنو جنهن تي نگران حڪومت عمل ڪري رهي آهي. مرتضيٰ سولنگي چيو ته دنيا ۾ حڪومتون ڪاروبار نه ڪنديون آهن. ايئرلائنز ۽ ريلوي نه هلنديون آهن.هن وڌيڪ چيو ته سول ايوي ايشن وارو وزير ايندڙ اجلاس ۾ اچي وضاحت ڪري ته نقصان ڪيئن ٿي رهيو آهي.پي آءِ اي ۽ پي ايس او بابت ڳالهائيندي مرتضيٰ سولنگي وڌيڪ چيو ته پي ايس او هڪ خودمختيار ادارو آهي. پي آءِ اي کي تيل ڪيئن ڏئي.

بقايا *** 18

ٿي ڊالر جي قيمت ۾ اضافو ٿيو انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 10 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ ڊالر 287 رپيا 50 پئسا ٿي ويو گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڇاڙي تي انٽر بئنڪ تي ڊالر 286 رپيا 90 پئسا تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جي مثبت شروعات نظر اچي رهي آهي جتي 100 انڊيڪس 55000 جي سطح عبور ڪري ويو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 975 پوائنٽن جي واڌ سان 55 هزار 236 تي پهچي ويو آهي. ڪالهه ڪاروبار بند ٿيڻ تي 100 انڊيڪس 54 هزار 261 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا *** 19

هو ته اسان ماضي ۾ دهشتگردن خلاف ضرب عضب جو فيصلو نواز شريف حڪومت ۾ ٿيو 2013 ع کانپوءِ دهشتگرد ڪارروائين ۾ گهٽتائي آئي پر وري 2018 ع کانپوءِ پاليسي ۾ تبديلي آئي. اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته افغانستان ۾ طالبان حڪومت آئي ته اسان جا ذميوار اتي پهتا. ڪابل ۾ انڊراسٽينڊنگ تحت سوين سخت دهشتگردن کي پاڪستاني جيلن مان آزاد ڪيو ويو.هن وڌيڪ چيو ته اسان پاليسي تي يوٽرن ورتو ۽ سخت دهشتگردن جي آزادي کانپوءِ ملڪ ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي.

بقايا *** 20

جي اجلاسن باوجود گم ٿيل ماڻهن جو پتو ناهي پيو جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو چيو ته گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا لاءِ جديد طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن عدالت ۾ پبلڪ پراسيڪيوٽر جواب ڏنو ته گم ٿيل چوڪري ۽ ٻين جي ڳولا جاري آهي. رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي. وڪيل چيو ته هڪ شهري جي ڳولا لاءِ 16 جي آءِ ٽي ۽ 4 صوبائي ٽاسڪ فورس جا اجلاس ٿي چڪا آهن عدالت ۾ جاچ آفيسر چيو ته گم ٿيل چوڪري جن نمبرن سان رابطي ۾ هئي ان جي جاچ ڪئي پئي وڃي.عدالت پوليس، گهرو کاتي ۽ وفاقي حڪومت کان ڊسمبر جي ٻئي هفتي ۾ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جڏهن ته سڄي ملڪ جي حراستي مرڪزن ۾ قيد شهرين جي لسٽ به طلب ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 21

هڪ هفتي دوران مهانگائي ۾ 0 ڏهائي 73 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته ساليانيءَ بنيادن تي مهانگائي جي شرح 29 ڏهائي 8 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هڪ هفتي دوران ٽماٽا 15 ڏهائي 4 سيڪڙو ۽ پٽاٽا 4 ڏهائي 5 سيڪڙو مهانگا ٿيا. اٽو 2.4 سيڪڙو، ٿوم 2.1 سيڪڙو، لوڻ 1.8 سيڪڙو، ڪڪڙ 1.6 سيڪڙو مهانگو ٿيو شماريات کاتي جي رپورٽ موجب.هفتي دوران ڳڙ، چانورءِ دالن جي اگهن ۾ معمولي ٿي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هڪ هفتي دوران ويهه شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ اٺ شين جي اگهه ۾ لاٿ ٿي جڏهن ته 23 شين جي اگهن ۾ استحڪام رهيو

بقايا *** 22

ويلو 32 ورهين جو سخي داد 4 ٻارن جو پيءُ هو ڪراچي جي علائقي ڪورنگي جي گلزار ڪالوني ۾ کليل گٽر هڪ شخص جي حياتي ڳڙڪائي وئي ۽ ڀاڻيجي کي بچائيندي مامو فوت ٿي ويو علائقي واسين موجب 8 سالن جو ٻارڙو ساجد پنهنجي مامي جي پٽ سان گڏ گهٽي ۾ وڃي رهيو ته کليل گٽر ۾ ڪري پيو. سندس ماروٽ پنهنجي پيءُ کي مدد لاءِ سڏيو ته هن ٻارن کي ڏسي گٽر ۾ ٽپو ڏنو. سخي داد ڀاڻجي کي ته پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪڍي ورتو، پر پاڻ مين هول مان نه نڪري سگهيو. علائقي واسين سخي داد کي مين هول مان ٻاهر ڪڍيو پر هو نه بچي سگهيو. سخي داد جي پياءُ جو چوڻ هو ته سڄي علائقي ۾ گٽر ۽ برساتي نالا کليل آهن جن ۾ زهريلو مواد ڀريل آهي. علائقي جي ڪائونسلر جو چوڻ هو ته ميئر ڪراچي مين هول کي ڍڪڻ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر گهربل انگ ۾ ڍڪ فراهم نه پيا ڪيا وڃن.

بقايا *** 23

مان نڪرندڙ چربي مان فوتا آپريشن جو ڌاڳو تيار ڪيو ويندو آهي. ان مڇي کي گولڊن سوا چيو ويندو آهي. مُهان 70 ڪروڙ رپين جون مڇيون ڪراچي فش هاربر کي وڪرو ڪري ڇڏيون. "سوا مڇي "ناياب ٿي چڪي آهي، ان جو گوشت هڪ هزار رپئي في ڪلو جي حساب سان وڪرو ٿيندو آهي. ان جي قيمت وڌيڪ هجڻ جو سبب چربي آهي

بقايا *** 24

روانو ڪيو ويو. چمن بارڊر منتقل ڪيل افغانين ۾ 66 مرد، 42 عورتون ۽ 80 ٻارڙا شامل آهن.انتظاميا هن وقت تائين 733 ماڻهن کي چمن بارڊر پهچايو ويو آهي.

بقايا *** 25

آهي جتي 100 انڊيڪس 55000 جي سطح عبور ڪري ويو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 975 پوائنٽن جي واڌ سان 55 هزار 236 تي پهچي ويو آهي. ڪالهه ڪاروبار بند ٿيڻ تي 100 انڊيڪس 54 هزار 261 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا *** 26

مهر بانو چيو ته مصروفيتن سبب اڄ اسان جا وڪيل پيش نه ٿيا، ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي.هن چيو ته اڄ پهريون ڀيرو جوابدارن جي خاندان کي ٻڌڻي ۾ شرڪت جي اجازت ڏني وئي. اسان چاهيون ٿا ته ڪارروائي شفاف ۽ نمايان ٿئي.مهر بانو چيو ته جيڪڏهن اسان کي اجازت ڏني وئي آهي ته ميڊيا جي نمائندن کي به اجازت ڏني وڃي، انصاف به ڏنو وڃي.هن چيو ته شاهه محمود قريشي جو موقف اصولي آهي، سندس صحت سٺي آهي ۽ هو ثابت قدم آهي، هو پنهنجو حلف سنڀالي رهيو آهي، پنهنجو فرض نڀائڻ به ملڪ جي خدمت آهي. مهر بانو اهو به چيو ته شاهه محمود قريشي شفاف سياست ڪئي، سندس 40 سالن جي سياست تي ڪرپشن جو ڪو به داغ ناهي. اسان جو ٿي پاڻ ڪيسن ۾ قائل آهي.

بقايا *** 27

ايف بي آر اسٽيٽ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ هلندڙ مالي سال جي ايندڙ اٺن مهينن ۾ ٽئڪس اوڳاڙي پلان، اينٽي مني لانڊرنگ ۽ شڪي ٽرانزيڪشنز تي ڳالهيون جاري آهن جنهن ۾ ايف بي آر هر سيڪٽر کان سيلز ٽئڪس، انڪم ٽئڪس، ڪسٽمز ۽ ايڪسائز جا مڪمل تفصيل فراهم ڪري ڇڏيا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪيسن ۾ قائل ٽئڪس اوڳاڙي جي طريقيڪار تي پڻ اتفاق ٿيڻ جو امڪان آهي جڏهن ته ايف بي آر جنوري کان ريٽيلرز کي ٽئڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جو پلان پڻ تيار ڪيو آهي. ذريعن موجب، ايف بي آر، آءِ ايم ايف کي هلندڙ مالي سال جا ٽئڪس هدف حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي جڏهن ته نگران حڪومت پروگرام تي مڪمل عملدرآمد جي خاطري ڪرائي آهي. ايف بي آر ذريعن موجب، آءِ ايم ايف درآمدات جي آڙ ۾ مني لانڊرنگ، شڪي ٽرانزيڪشنز تي سخت پاليسي جوڙڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ ٽئڪس کان ڇوٽ وارن شعبن ۾ درآمدات جي آڙ ۾ مني لانڊرنگ جي روڪٿام لاءِ ايف بي آر ۽ اسٽيٽ بئنڪ جي قدمن کي ناڪافي قرار ڏنو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف ڊسمبر تائين مني لانڊرنگ کي روڪڻ لاءِ ايف بي آر ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي سخت قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي. ذريعن موجب، آءِ ايم ايف تجويز ڏني آهي ته ايف بي آر ۽ اسٽيٽ بئنڪ ٽئڪس ڪرائم ۽ شڪي ٽرانزيڪشنز لاءِ واضح پاليسي جوڙن. شڪي ٽرانزيڪشنز ۾ جيڪڏهن مني لانڊرنگ جا عنصر آهن ته قانون تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، مني لانڊرنگ ۾ ملوث عنصرن جي جين توڙيو وڃي ۽ ٽئڪس چوري کي روڪيو وڃي. آءِ ايم ايف مشن مطالبو ڪيو آهي ته مني لانڊرنگ جي خاتمي لاءِ ايف بي آر جو انگ وڌايو وڃي ۽ انفرسمينٽ وارو نظام سخت ڪري، ايندڙ بجيٽ ۾ شڪي ٽرانزيڪشنز لاءِ وڌيڪ سخت سزائون فنانس بل ۾ منظور ڪرايون وڃن.

بقايا *** 28

ويو واضح رهي ته ڊي آءِ جي آپريشنز لاهور علي ناصر رضوي سموگ جي شدت سبب لاڳو سمارٽ لاڪ ڊائون تي سختي سان عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

بقايا *** 29

جاري رهندڙ ٽريننگ آفيسرن سان ملاقات ڪئي ۽ پوليو پروگرام لاءِ پنهنجو تجربو شيئر ڪيو بين الصوبائي EPIسرگرمين ۽ ڪوريج کي نظر ۾ رکندي ڊي سي سائوٿ پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي لاءِ اي پي آئي پروگرام جي اهميت تي روشني پڻ وڌي، ڊي سي ڊسٽرڪٽ سائوٿ ۾ ٿيڻ واري پوليو مهم جي دوران سمورن سرگرمين تي تفصيلي بريفنگ ڏيندي پوليو پروگرام ۾ پيش ايندڙ چيلينجز جي وضاحت ڪئي ۽ بهتري لاءِ پنهنجون تجويزون پڻ پيش ڪيون.

بقايا *** 30

جي مريض کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف انفيڪشن ڊيزيز اسپتال نيپا ۾ ڪانگو وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو.صحت کاتي سنڌ جي ترجمان موجب ڊاڪٽرن موجب مريض جي حالت خراب آهي، بهتري لاءِ ڪوششون ڪيون پيو وڃن. بلوچستان مان 17 مريضن کي سنڌ ۾ منتقل ڪيو ويو هو. 12مريض آغا خان ۾ داخل آهن.ياد رهي ته ڪوئيٽا جو هڪ ڊاڪٽر ڪانگو ۾ فوت ٿي چڪو سنڌ ۾ ڪانگو وائرس پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ صحت کاتي پاران هنگامي قدم پڻ کنيا ويا

بقايا *** 31

چوڪن کي ترقي وٺرايو وڃي. ان لاءِ جيترو ٿي سگهي عوامي هنڌ فراهم ڪيا وڃن. شهرين ڏانهن. هن چيو ته ڪنهن به شهر کي رهڻ لائق بڻائڻ لاءِ جيڪڏهن پبلڪ اسپيس ناهيا وڃن ته ان جي پس منظر ۾ معاشي سرگرمين به پنهنجي جاءِ ٺاهينديون آهن هن چيو ته مون کي اميد آهي ته هن شهر جو عوام 8 فيبروري تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اهڙي طرح ووٽ ڏيندو، جهڙي طرح ميونسپل اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي کٽي هئي. جڏهن کي ايم سي ۽ صوبائي حڪومت گڏجي ڪم ڪري ته ان سان شهر جي عوام کي فائدو ٿيندو. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته هر اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جو رستو روڪڻ لاءِ مصنوعي پارٽي ناهڻ جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ چيو ته اوهان صحيح ڪم ڪري رهيا آهيو. ڪيس وزيراعظم بڻائڻ لاءِ به وڏي محنت ڪئي. هن چيو ته ملڪ ۽ قومي مفاد لاءِ گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو. اها وقت جي ضرورت هئي ۽ وقت جي ضرورت چو ان ڪري هڪ ملڪ جو معاشي بحران هو. ٻيو پرڏيهي سطح تي بحران هو سياسي ۽ جمهوري بحران به هو. اسان ان کي بهتر بڻائڻ چاهيون ٿا. ان سان گڏ ڪجهه مسئلا هئا. جن کي حل ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته پيپلز پارٽي 2013 کان اپوزيشن ۾ آهي. صوبي جي حقن تي حملا ڪيا پيا وڃن. انهن سان گڏ رهڻ سان اسان کي ضرور فائدو ٿيو. چاهي اها NICVDاسپتال هجي يا ٻوڏ متاثرين جي امداد. ان سلسلي ۾ اسان کي فائدو ٿيو سيڪريٽري آف اسٽيٽ جي حيثيت سان مان وڌيڪ سرگرم ٿيس ۽ ٻوڏ متاثرين کي فائدو پهچايو پ پ چيئرمين جو چوڻ هو ته مسلم ليگ (ن) ۽ متحده قومي موومينٽ يا مهاجر قومي موومينٽ جو اتحاد سنڌن پارٽي کي نقصان گهٽ ۽ فائدو وڌيڪ ڏيندو جي يو آءِ (ف) بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مولانا فضل الرحمان جي سياست سڄي ملڪ ۾ آهي. پيپلز پارٽي ساڻس رابطي ۾ رهندي. اهي متحد ٿي سگهن ٿا ۽ هڪ ٻئي خلاف چونڊون وڙهن. هن چيو ته خيبرپختونخواهه کان ڪراچي تائين سيني جو هڪ ئي مطالبو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي تير جي نشان تي هر تڪ تان اليڪشن وڙهندي. چونڊون ۾ ڪاميابي يقيني آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان جي عوام جو شعور وڌي چڪو آهي. عوام چاهي ٿو ته سندن نمائندا اصولي هجن. هن چيو ته عوام سمجهي ٿو ته جن نمائندن ڏکئي وقت ۾ پارٽي سان گڏ نه بيٺا اهي عوام سان گڏ بيهندا. هن چيو ته پارٽي سان بيوفائي ڪندڙن کي اليڪشن ۾ قيمت ادا ڪرڻي پوندي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کي اڄ ياد آيو ته آئين ۽ جمهوريت به ڪا شيءِ آهي. جڏهن ته ڪالهه تائين جمهوريت ۽ آئين تي يقين نه هئي. هن چيو ته هي پي ٽي آءِ لاءِ سياسي سفر ۾ سکڻ جو موقعو آهي. ان موقعي تي سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاهه، ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب، سعيد غني، شهلا رضا ۽ ٻيا اڳواڻ به ساڻس گڏ هئا.

بقايا *** 32

صدارتي آفيس وائيٽ هائوس جي پڌرائي موجب اسرائيل خاطري ڪرائي آهي ته اڄ کان غزه تي حملن ۾ چار ڪلاڪن جو وقفو ڪيو ويندو، وقفي دوران غزه جي متاثرين ۽ زخمين تائين عالمي ادارن جي امداد پهچائي ويندي. آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو آهي ته اسرائيل جو اهو قدم درست رخ ۾ آهي، آمريڪا علائقي جي متاثرين تائين امداد پهچائڻ جي حمايت جاري رکندو. ان کان اڳ اسرائيلي فوج پاران به چيو ويو ته غزه جي شهرين تائين امداد جي رسائي لاءِ حملن ۾ وقفا ڪيا پيا وڃن پر ڪا به فائربندي نه ڪئي ويندي. غزه تي اسرائيل جي بمباري ۽ حملن ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ وڌي 10 هزار 800 ٿي ويو. غزه جي صحت واري کاتي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته شهيدن ۾ 4 هزار 400 ٻارڙا به شامل آهن.

بقايا *** 33

79 ارب رُپيا وڌيا، جنهن کانپوءِ بئنڪن جي ڊپازٽس 26 هزار 397 ارب رُپيا رهيا. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل تفصيلن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته آڪٽوبر ۾ بئنڪن چاليهه ارب رُپيا قرض ڏنو ان ئي مهيني تائين بئنڪن جي قرضن ڪاٿو يارنهن هزار 897 ارب رُپيا رهيو اسٽيٽ بئنڪ موجب، آڪٽوبر ۾ بئنڪن جي سيڙپڪاري جو ڪاٿو 610 رُپيا رهيو جڏهن ته آڪٽوبر تائين سيڙپڪاري ڪاٿو 23 هزار 232 ارب رُپيا رهيو ان ڪانسواءِ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران ٽي ڏهائي 17 ارب ڊالر پرڏيهي قرضن جي سروسنگ تي خرچ ٿيا، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران به ڏهائي 017 ڊالر قرضن جي اصل تي خرچ ٿيا. اسٽيٽ بئنڪ موجب، جولاءِ کان سيپٽمبر 2023 دوران هڪ ڏهائي 157 ارب ڊالر قرضن جي وياج ادائيگي تي خرچ ٿيا.

بقايا *** 34

مصطفيٰ ڪوراڻي کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو.خالد مصطفيٰ ڪوراڻي کي فوري طور سي پي او رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ڊاڪٽر محمد عمران کي ايس ايس پي شڪارپور مقرر ڪيو ويو آهي.ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته سنڌ حڪومت شڪارپور ۾ بدامني سبب خالد مصطفيٰ ڪوراڻي کان ناراض هئي.خالد مصطفيٰ ڪوراڻي تي سندس ماتحت ڊي ايس پي به سنگين الزام لڳايا هئا ۽ هن کي نفسياتي مريض قرار پڻ ڏنو هو

بقايا *** 35

هڪ هفتي دوران مهانگائي ۾ 0 ڏهائي 73 سيڪڙو اضافو ٿيو جڏهن ته ساليانيءَ بنيادن تي مهانگائي جي شرح 29 ڏهائي 8 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هڪ هفتي دوران ٽماٽا 15 ڏهائي 4 سيڪڙو ۽ پٽاٽا 4 ڏهائي 5 سيڪڙو مهانگا ٿيا. اٽو 2.4 سيڪڙو، ٿوم 2.1 سيڪڙو، لوڻ 1.8 سيڪڙو، ڪڪڙ 1.6 سيڪڙو مهانگو ٿيو شماريات کاتي جي رپورٽ موجب.هفتي دوران ڳڙ، چانورءِ دالن جي اگهن ۾ معمولي ٿي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته هڪ هفتي دوران ويهه شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ اٺ شين جي اگهه ۾ لاٿ ٿي جڏهن ته 23 شين جي اگهن ۾ استحڪام رهيو

بقايا سنڌيار 01

صراف بازار کان گهنٽا گهر چوڪ تائين يڪجهتي فلسطين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ايس ڊي اي ۾ شامل سياسي، سماجي، مذهبي، قومپرست، واپاري تنظيمن جي اڳواڻن معروف مذهبي اڳواڻ مفتي محمد چمن زمان قادري، غلام مصطفي ڦلپوٽو، علامه نوراحمد قاسمي، هندو پنچائت ڪاميٽي جي چيئرمين مکي ايشور لعل، شهزادو پتو، شاهه محمد انڍڙ، علامه عبدالستار بروهي، عبدالباري انصاري، آغا محمد اڪرم دراني، فقير رمضان ڪورائي، سليم جاگيراڻي، راشد صديقي، محمد عرفان، صداقت خان ، وقار سومرو، اسلام نور خان ، حاجي محمد علي، شاهد سنڌو، غلام حسين، عبدالڪريم سومرو، عمير شاهه ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينرز کنيل هئا جيڪي اسرائيلي دهشتگردي جي خلاف اپ ڏريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. گهنٽا گهر چوڪ تي ريلي کي خطاب ڪندي ايس ڊي اي جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسرائيل فلسطين ۾ دهشتگردي ۽ ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي، جنهن جو مثال نٿو ملي، اسرائيلي حملن، بمباري ۾ هزارين مرد، عورتون، معصوم ٻار، بزرگ شهيد ٿي رهيا آهن ۽ عالمي برادري اسرائيلي دهشتگردي کي روڪڻ ۽ فلسطيني عوام کي حق ڏيارڻ جي لاءِ خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي. اڄ غزه قبرستان جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، اسرائيل اسپتالن، اسڪولن تي حملا ڪري معصوم ٻارن کي شهيد ڪري رهيو آهي ان جي باوجود انساني حقن جا عالمي چيمپئن اسرائيلي دهشتگردي تي خاموش ٿيا آهن. اڄ اسين اعلان ڪريون ٿا ته اسرائيلي مصنوعات جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري معصوم فلسطين ٻارن جي حمايت جاري رکنداسين. هنن جو چوڻ هو ته اقوام متحده ۽ او آءِ سي زباني جمع خرج کان اڳتي وڌي ڪري اسرائيلي دهشتگردي، ظلم ۽ جبر جو نوٽيس وٺي فلسطيني عوام کي حق ڏيارڻ جي لاءِ مخلصانه قدم کڻن ۽ فوري طور تي اسرائيل پاران فلسطيني عوام تي بمباري، ظلم ۽ ستم، جنگ کي روڪيو وڃي. ان موقعي تي فلسطين جي شهيد مسلمانن جي ايصال ثواب جي لاءِ فاتحه خواني ۽ زخمين جي جلد صحت يابي جي لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 02

نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار ملاح، مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ظهور احمد ملاح، لاڙ ڊويزن جو صدر پرويز احمد پاٽڻي، ضلعي ٺٽي جو صدر محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، ٺٽو سٽي جو صدر محمد خان ملاح، وڏير غلام قادر ملاح، شهيد بينظيرآباد ڊويزن جو صدر نثار احمد ملاح، حاجي خان ملاح، حيدرآباد ڊويزن جي صدر مير نواز ملاح، سکر ڊويزن جي صدر شير محمد ميراڻي، دلبر ميراڻي، سمف سجاول ضلعي جي جنرل سيڪريٽري نواب روپائي ملاح، سمف ٽنڊو محمد خان ضلعي جي صدر سهيل پپو ملاح، جنرل سيڪريٽري ايڊوڪيٽ شهزاد ملاح، ضلعي حيدرآباد جي صدر علي حسن ملاح، ضلعي جام شورو جي صدر غلام شبير ملاح، راجا شريف ملاح، ضلعي دادو جي صدر ڊاڪٽر عبدالحميد ميراڻي، ظفر ملاح، نوابشاهه ضلعي جي صدر سردار علي بخش ملاح، رفيق ملاح، ضلع نوشهروفيروز جي صدر حاجي فيض محمد ملاح، جنرل سيڪريٽري نديم ملاح، لاڙڪاڻي جي صدر جاويد ميراڻي، ضلع خيرپور ميرس جي صدر فقير علي حسن ملاح، جنرل سيڪريٽري عارب ملاح، جيڪب آباد جي صدر جان محمد ميراڻي، راجا ميراڻي، ضلع بدين جي جميل جان ملاح، لطيف ملاح، غلام رسول ملاح، عبدالحڪيم گندرو، منصور ملاح، دلبر ميراڻي، اصغر ميراڻي، ديدار ملاح، شهمير ملاح شاهد ملاح، سمف يوٿ اڳواڻ اعجاز ملاح هاشم ملاح سميت سنڌ جي ملاح برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ڏاڏا آدم گندرو، ماجد سڪندر ملاح، ذوالفقار ملاح، ڊاڪٽر عبدالحميد ملاح، شير محمد ميراڻي، سردار علي بخش ملاح، مير نواز ملاح، علي حسن ملاح، حاجي فيض محمد ملاح، جاويد ميراڻي، محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، پرويز پاٽڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ وڏي آبادي ملاحن، ماهيگيرن جي هوندي به ڪين هر دور ۾ سمورين بنيادي سهوليتن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي، جيڪا سراسر وڏي ناانصافي آهي، ان ڪانسواءِ ماهيگيرن جي روزگار جي وسيلن تي قبضا ٿيڻ سميت سمنڊ اندر بااثر پتا خورن ۽ ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، پر فشريز کاتي سميت سنڌ سرڪار توڙي وفاقي حڪومت ماهيگيرن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڪجهه نٿي ڪري نه ئي سندن روزگار جي وسيلن تي ٿيل قبضا خالي ڪرائي سگهي آهي، جنهن ڪري ماهيگير بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي رهيا آهن. هنن چيو ته هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن جي آزادي لاءِ به سرڪار ڪجهه نٿي ڪري جن کي ڀارتي فورسز حدبنديون نه هجڻ ڪري پاڪستان جي سامونڊي حدن مان گرفتار ڪري ڪٺي وڃڻ بعد سخت تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، جن جي خاندان جي پوئيواري نه ٿيڻ ڪري اهي به بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل آهن. هنن چيو ته اڄوڪي ميڙاڪي جو مقصد 21 نومبر ماهيگيرن جي عالمي ڏيهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائڻ آهي، ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته هن واري ماهيگيرن جو عالمي ڏيهاڙو دادو شهر ۾ ملهايو ويندو، سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن، ڪارڪنن سميت ملاح، ماهيگيرن کي گهرجي ته هو هن ڏيهاڙي کي ڀرپور ۾ هائي دادو شهر ۾ منعقد ڪيل هن جلسي ۾ شرڪت ڪري ٻڌي جو ثبوت ڏين جتي سرڪار کان ملاحن، ماهيگيرن کان کسيل سندن حقن جي واپسي جي گهر سميت ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن کي آزاد ڪرائي ماهيگيرن سان ٿيندڙ ناانصافي جي ازالي جي پڻ گهر ڪئي ويندي، هنن ملاح اڳواڻن توڙي ماهيگيرن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي حق جي حاصلات لاءِ جاري ڪيل جدوجهد کي جاري رکي برادري سميت مظلوم ماڻهن جي بنا فرق جي مدد ۽ خدمت ڪندا رهن. هنن اهو پڻ چيو ته هاڻي اليڪشن اچڻ واري آهي، جيڪڏهن اسانجي برادري کي نظرانداز ڪيو ويو ته ان تي غور ويچار ڪري وڏيڪ راءِ عمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 03

جنهن ۾ تعلقي جهڏو سميت پرپاسي جي ڳوٺن جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي، ڪتابي ميلي ۾ شاعرن، اديبن، وڪيلن، صحافين، توڙي علم دوست شخصيتن ڀرپور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نوجوان سماجي تنظيم جي مرڪزي صدر " ڊاڪٽر عرفان ڪولاچي " ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سوشل ميڊيا جي عروج واري جديد دور ۾ به ڪتابن سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ ڪتاب خريد ڪري ڪتابن سان دوستي جو شاندار مثال قائم ڪيو آهي، ڪتاب پڙهڻ سان ماڻهو جي شعور ۽ سمجهه ۾ واڌارو ٿئي ٿو گهڻ طرفو مطالعو ڪندڙ انسان سمورين مشڪلاتن کي منهن ڏئي منزل رسي پنهنجا عظيم مقصد حاصل ماڻي سگهي ٿو

بقايا سنڌيار 04

الزام هڻندي احتجاجي مظاهرو انصاف ڪيو انصاف جا نعرا هنيا، هنن چيو ته اسان جي نوجوان وحيد سومرو جو پنج ڏينهن اڳ ڪجهي آبادي واري علائقي مان تشدد ٿيل لاش مليو هو اسان پوسٽ مارٽم ڪرائي ڊاڪٽرن کي جڏا ليبارٽري موڪلڻ جي گذارش ڪئي هئي پر هنن جڏا ليبارٽري نه موڪليا جنهن ڪري هاڻي ليبارٽري وارا جڏا نٿا وٺن ۽ چون پيا ته جڏا خراب ٿي ويا آهن ۽ انهن ۾ جيتڙا پيدا ٿي ويا آهن جنهن ڪري اسان جڏن جي چڪاس نٿا ڪري سگهون مظاهرين چتاءُ ڏنو ته اسان احتجاجي دائرو وڌائي ڇنڇر ڏينهن راڻيپور اسپتال اڳيان ڊاڪٽرن جي لاپرواهي خلاف ڌرڻو هڻنداسين جيڪو انصاف ملڻ تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 05

ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن جاري احتجاج هڪ مهينو 8 ڏينهن به جاري رکيو ويو ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاجي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر،مخدوم بلاول،عطا محمد پتو، محمد اعظم منگريو، زاهد حسين منگريو ۽ ٻيا شامل هئا هنن ٻڌايو ته اڍائي سالن کان سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري،8سالن کان سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل معصوم علي اصغر منگريو، ڏيڍ مهيني کان خيرپور مان اغوا ڪيل مزدور اسلام سومرو ،5مهينن کان محراب پور مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ، 3 مهينا اڳ پنوعاقل مان اغوا پورهيت واجد ٻرڙي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري آهي مغوين لاءِ احتجاجي تحريڪ کي ٻه مهينا 6 ڏينهن گذري چڪا آهن پر افسوس جو سنڌ جا انصاف لاءِ ٻاڏائي رهيا آهن پر ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي حڪومتي ادارا خاموشي اختيار ڪري ويٺا آهن اسان سنڌ جي سمورن اغوا ڪيل ۽ گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي واپسيءَ لاءِ جدوجهد کي جاري رکنداسين هنن ملڪ جي اعلي' عدليه سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ڪئي ته مغوين جي بازيابي لاءِ نوٽيس ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 06

. تفصيل موجب ميونسپل ڪمشنر سکر محمد علي شيخ يوسي چيئرمين اظهر اعوان، وائيس چيئرمين فرحان شيخ، وحيد شيخ، انجنيئرز ظهور احمد ڏاريجو، عبدالرزاق منگي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي شهر جي مختلف علائقن، بئراج روڊ، گوليمار، مائيڪرو، گلشن اقبال سميت ٻين علائقن جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺندي هدايتون جاري ڪيون ته روڊن ۽ رستن جي تعمير کان اڳ سيوريج سسٽم کي بهتر بڻايو وڃي، نالين جي سليب جي مرمت ڪئي وڃي ته جيئن علائقي ۾ مستقبل ۾ روڊن تي پاڻي جمع ٿيڻ وارين شڪايت کي ختم ڪري سگهجي، ترقياتي ڪم کي پائيدار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ته گندي نالن جي صفائي جو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ ڪم کي بهتر بڻايو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

الله شاهه، مولانا رحيم بخش سومرو ۽ مولانا مفتي عبدالرحيم پٺاڻ سميت سنڌ جي عالمن ۽ نعت خوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شان بابت تقريرون ڪري پنڊال ۾ ويٺل هزارين ماڻهن جو ايمان تازو ڪري ڇڏيو .ان موقعي جلسي ۾ آيل ماڻهن لاءِ خيرات جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي ۽ فلسيطي مسلمانن جي فتح لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 08

ڊپٽي ڪمشنر بدين چيو ته ڪوبه استاد موڪل تي وڃڻ کان اڳ پنهنجي ٽي اي او يا ڊي اي او کان موڪل ضرور منظور ڪرائي ان کان پوءِ موڪل ڪندو هن چيو ته گذريل 3 مهينن جي رپورٽ مطابق مانيٽرنگ اسسٽنٽ اسڪولن جا دورا ڪيا ته پرائمري جا 243 اسڪول بند هئا جڏهن ته 53 مڊل اسڪول پڻ اسڪول ٽائم کان اڳ بند ڏٺا ويا هن چيو ته اسڪول وقت تي کوليا ۽ وقت تي بند ڪيا وڃن هن ڊي اي او سيڪنڊري کي هدايت ڪئي ته اسڪولن جو فرنيچر منصفاڻي ورچ موجب اسڪولن کي ڏنو وڃي هن ميڊيا تي هلندڙ خبرن جو پڻ حوالو ڏيندي چيو ته ماستريائين طرفان پنهنجي اسڪول جي شاگردياڻين کان پيسا وٺڻ افسوس جوڳو عمل آهي گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد نواز ڪلوڙ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري انور پارابي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري محمد صالح ڪوريجو، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر محمد عالم سومرو، لوڪل سپورٽ يونٽ جي ضلعي آفيسر گل صنوبر، ضلعي بدين جا سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 09

۾ گندي نالين ۽ گندي پاڻي جي نيڪال خراب هجڻ سبب شهري پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. عوامي شڪايتن باوجود آفيسرن يا چونڊيل نمائندن جي ڪنن تي ڪا به جوءِ ناهي چري، ريلوي ڪالوني نيو پنڊ جي رهواسين سکر ميونسپل ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ عملدارن سان گڏ ريلوي کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ڪالوني ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان نظرانداز ٿيل علائقن ۾ صفائي سٿرائي ۽ ڊرينيج جي سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ سميت ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن.

بقايا سنڌيار 10

نه مون غربت ۽ قرضي ٿيڻ ڪري چارسال اڳوات رٽائر ٿي پهنجي رٽائر مينٽي واري رقم حاصل ڪرڻ لاءِ سموري قانوني گهرجون گذريل ٻن سالن کان پوريون ڪري ٽريزري آفيس ۾ جمع ڪرايون آهن پر مهل تائين رٽائرمينٽي نه ڏني وئي هن وڌيڪ چيو ته مونکان ڪافي ملازم پوءِ وارا رٽائر مينٽي حاصل ڪري آهن ۽ مونکان هينئر ٻه لک رشوت جي گهر ڪئي وئي آهي ۽ مهنجي ٽوٽل رٽائرمينٽي جي رقم ٻارهن لک آهي ۽ گذريل ٻن سالن کان چڪر ڪاٽيندي خرچ ڪري چڪو آهيان ۽ مون مسڪين ٻه لک رشوت ڪٿان آڻيان هن وڌيڪ چيو ته روز مهنجي گهر قرضائي بيٺا آهن ۽ ٽريزري وارا رشوت پيا گهرن آخر زندگي کان بيزار ٿي پاڪي ٽريزري آفيس اڳيان باهه ڏيئي ساڙي پهنجي جند ڇڏائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي.

بقايا سنڌيار 11

آگاهي پيدا ڪرڻ هو جنهن ۾ ٻارن جي جبري پورهئي، ننڍي عمر جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون شاديون ڪرڻ ۽ تشدد جهڙن واقعن بابت ادارن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ٽيبلوز ۽ اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويا، پروگرام ۾ مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ شفا فائونڊيشن طرفان ميڊم عمارا سرفراز، ايڊمن فنانس ايچ آر شيريار خان فنانس اسسٽنٽ نويدالله ۽ ٽيم ، سوشل ويلفيئر ، ايس پي او صائما سيال ، آئي آر سي پاران حماد شيخ، ADHO عبدالستار E P i ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران ايجوڪيشن آفيسر حزب الله ڪوريجو تعلقه ايجوڪيشن آفيسر مورو شرڪت ڪئي ۽ ٽيبلوز پيش ڪندڙ ٻارڙن ۾ بيگ ورهايا. ڳوٺ قل ٻگهيو جي ڳوٺاڻن اهڙو شاندار ۽ سچائيءَ وارو پروگرام ڪرڻ تي شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز جا ٿورا مڃيا ڳوٺ جي معزز ماڻهن پروگرام بابت ڳالهائيندي چيو ته اهڙن پروگرامن جي اسان جي ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۾ تمام گهڻي ضرورت آهي اسان اداري سان مستقبل ۾ به سهڪار ڪندا رهنداسين

بقايا سنڌيار 12

شروعات ارشاد شاهه جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ڪئي وئي ۽ مين پرائمري اسڪول گهارو ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، ورسي تقريب کي ب ٽ الف سنڌ جي اڳوڻي صدر انتظار حُسين چلگري، شڪور سارنگ، شريف تنيو، خير محمد بروهي، محمد علي ٻبر، غلام حيدر ڪلتي، محمد علي شر،سليمان جوکيو،قادر پنهور ۽ ٻين خطاب ڪيو مقررين جو چوڻ هو ته مرحوم ارشاد شاهه پنهنجي زندگي ۾ استادن جي حقن لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي، استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ هر احتجاج، مارچ توڙي جدوجهد ۾ ارشاد شاهه سڀني کان اڳيان هوندو هو سنڌس پاران ب ٽ الف جي پليٽ فارم تان ٿي جي استادن لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد ڪيون وينديون.

بقايا سنڌيار 13

چيو انگريزن جي دور کان شهر موهو بولا خان سيد اسماعيل شاهه بخاري جي تالي سان اسان جو ڳوٺ قائم آهي جنهن جو رڪارڊ گورنمينٽ کاتي ۾ پڻ موجد آهي ۽ قبرستان سيد موسي شاهه بخاري جيڪو 200 سئو سال قديمي 4 ايڪڙن تي مشتمل آهي جنهن ۾ اسان جو خاندان دفن ٿيل آهي مولوي ضياءُ الرحمٰن ميمڻ جيڪو بااثر هجڻ ڪري اسان جي زمينن ۽ قبرستان تي زوري قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته سندن زمين جي پاڻي جو چوڙ قبرستان ڏانهن ڪريو ڇڏي جنهن جي ڪري ڪافي قبرون مسمار ٿي ويون آهن، هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي ڳوٺ جي تالي تي هلندڙ اسڪول به بند ڪرائي ڇڏيا آهن جنهن جي ڪري ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي. هنن چيف آف آرمي، چيف جسٽس، نگران حڪومت ۽ ڊي سي سجاول کي مطالبو ڪندي چيو ته سجاول ويجهو شهر موهو بولاخان ڳوٺ اسماعيل شاهه بخاري جو رڪارڊ ڏسي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 14

آهي ته وڏ کان وڏ دادو پريس ڪلب ۽ ان جي ميمبرن جا سڀ مسئلاحل ڪيان هتي پهچي خوشي محسوس ٿي آهي دادو پريس ڪلب سنڌ جو اهم ادارو آهي جنهن هر وقت پنهنجي ضلعي جي عوام جي بهترين ترجماني ڪئي آهي، دادو پريس ڪلب جي گرانٽ ميمبرن جي ڀلائي بهبود ۽ ٻيا مسئلا منهنجي اولين ترجيح ۾ شامل آهن.ڪوشش ڪندس ته دادو پريس ڪلب جا جائز سمورا مسئلاحل ڪيان ۽ ان بابت پنهنجي کاتي جي سيڪريٽري، ڊي جي هيلٿ سميت ٻين کي آگاهه ڪندس، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ، سرور جلال سولنگي، رضوان منگي، گلڻ پنڊ، علي گل چنه،سخي سردار چارڻ ،غوث جهتيال،مختيار سومرو،لياقت ملڪ،دانش خشڪ ۽ ٻين صحافين دادو انفارميشن کاتي مان سخت مايوسي جو اظهار ڪندي چيو ته دادو پريس ڪلب کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، ڪجهه غير صحافين کي دادو انفارميشن ڪارڊ ناهي دادو ضلعي اندر ڪم ڪندڙ ورڪنگ صحافين جي معيار ڪرايو آهي، دادو انفارميشن کاتي ۾ هڪ جونيئر ڪلارڪ ۽ هڪ فوٽو گرافر هڪ پيٽراليو موجود رهن ٿا ، باقي دادو ضلع آفيسر پڻ هفتي ۾ 2 ڏينهن اچي ٿو آفيس جو سينئر ڪلارڪ ۽ اسٽونو گرافر ۽ ٻيو عملو سالن کان گم آهي جيڪي هر مهيني پگهار گهر ويٺي کڻن ٿا، توهان جو دادو ضلع آفيسر لطيف سولنگي هترادو بيمار آهي ڇاڪاڻ جو هر 3 مهينن بعد هڪ لک کان 2 لک جون دوائون سرڪاري خرچ تي خريد ڪرائي ٿو جيڪي خزاني آفيس جا بل موجود آهن،هتي ڪرپشن جا داستان وڏا آهن 5 سالن کان گاڏي خراب آهي پر گاڏي جو تيل رڪارڊ ۾ خرچ ڏيکاريو وڃي ٿو،ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ پاران ڊائريڪٽر کان گهر ڪئي ته ورڪنگ صحافين جا ڪارڊ ناهي هر ان اهل قلم ڏتي جي مالي مدد لاءِ پنهنجا رسيلا ڪتب آندا وڃن جيئن صحافين جا مالي مسئلاحل ٿي سگهن ۽ دادو ۾ صحافي ڪالوني لاءِ اطلاعات کاتو سهڪار ڪري،دادو پريس ڪلب هر وقت اوهان سان سهڪار ڪري پئي پر اوهان جي طرفان سهڪار نه پيو نظر اچي، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ ۽ ميمبرن پاران دادو پريس ڪلب تي لٿي اچڻ تي ڊائريڪٽر حيدرآباد ارشاد چانڊيو کي سنڌي ٽوپي پارائي آڌر ڀاءُ ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 15

پڇڻ وارو ڪونهي ايم ايس کان وٺي وزير صيحت تائين سڀ ننڊ ستل. غريب مسڪين مريضن کي ڪوڙيون جڳاڙي رپورٽون ڏئي پنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا، سينئر صحافي انجم ٻگهيو سان ٽيلي فون تي ڳالهيون تفصيل موجب ڪراچي کان سينئر صحافي باغي ساگر ڀنڀرو، فاروق ٻنگوار . سان شهدادپور جي اديب شاعر سينئر صحافي انجم ٻگهيو ٽيليفون تي رابطو ڪري صيحت جي حوالي سان ٻڌايو ته مون جڏهن سمس ليبارٽري مان بيماري جون ٽيسٽون ڪرايون ته سڀ غلط رپورٽون ڏنيون ويون جنهن ڪري آءِ بستري پيڙو ٿي ويس مجبوري جي ڪري مون نجي ليبارٽري مان اهي سموريون ٽيسٽون ڪرايون ته سڀ جا سڀ نارمل آيون. ان چيو ته اها دانه مون ايم ايس کان وٺي ضلعي جي سڀني صيحت کاتي جي آفيسرن کي ڏيئي چڪو آهيان پر ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي، ڇو ته ڪرپشن ڪندڙ اداري جا سڀ عملدار مليل آهن. ان چيو ته سنڌ جي ٻيو نمبر وڏي اسپتال سمس جنهن جي روزانه هزارن جي اوپي ڊي ٻڌائي پئي وڃي ۽ مختلف شعبن ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ رش ڏسڻ ۾ ايندي آهي جنهن ۾ صرف هڪ ليبارٽري ٺهيل آهي جنهن ۾ جڳاڙي ٽيڪنيشن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن ڪجهه ڏينهن گردن ۽ ان سان لاڳاپيل رپورٽون ڊائلاسز دوران ڪرائڻ لاءِ ڏنيون جيڪي انتهائي خراب ۽ مرڻ ڪنڌي تي پهچائڻ واريون هيون انهن رپورٽن جي ڪري ويتر بيمار ٿي پيو آهيان. ان ٻڌايو ته شمس اسپتال ۾ هزارين مريضن جون ٽيسٽون ڪندڙ سمس ليبارٽري جي ڏنڊوڙي ۽ جڳاڙي عملي پنهنجا پيٽ ڀرڻ لاءِ سرڪاري فنڊ بجاءِ پاڻ اڌ موڙي ۾ پيسه وٺي ڪوڙيون سچيون ٽيسٽون ڪري مريضن کي مطعمن ڪري رهيا آهن ڪيترائي پيرا ڏانهون ڪوڪون ڪرڻ باوجود سمس جو بااختيار عملو انهي ڪرپٽ مافيا اڳيان مجبور بيوس بڻيل آهي هن صحت کاتي جي اعلي' عملدارن کان گهر ڪندي چيو ته ليبارٽري عملي جون ڏگريون چيڪ ڪندي سندن ڪارڪردگي جائزو ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 16

رکي صحافين اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ۾ سکرپريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، خالد ٻانيڻ، سليم سهتو، عمر سومرو،جلال الدين پيهو، آصف لوڌي، سحرش ڪوکر،يار محمد سومرو، اسحاق ڪوسو، ڪامران شيخ، جهانزيب وسير،نادر خان عبدالغفور شيخ. بخش علي ڦلپوٽو ۽ ٻيا شامل هئا ، اڳواڻن چيو ته 89 ڏينهن ٿي ويا آهن پر سکر پوليس جي ڪاڪردگي ڪر بهتر نتيجو نه ڏئي سگهي آهي اهڙي عمل سان مختلف شڪ شبها جنم وٺن ٿا اسان واضح ٿا ڪريون ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاجي تحريڪ جاري رکنداسين .ان موقعي تي محب چانڊيو، مير حسن منگي، مرتضي'سميجو، انس ملڪ، سڪندر چاچڙ، اصغر علي عباسي، محمد علي سولنگي، عبدالرزاق سولنگي محمد اسلم دايو،نادر سنجراڻي، عقيل قريشي، شاهه ولي، ناصر جعفري سجاد سنجراڻي، گلزار شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪري شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 17

مفت فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو افتتاح اڳوڻي ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو ۽ مکلي ويلفيئر جي صدر سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ شبير احمد پٽو ڪيو ميڊيڪل ۾ ملڪ جي ناليوارن ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين جنهن ۾ ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ ڊاڪٽر رميزاحسن شبير احمد پٽو شفاعت پڪٿي غلام مصطفي عباسي اعجاز ڪتياڻ ۽ ٻين 1600 کان وڌيڪ مريضن جون مفت مختلف ٽيسٽ ڪري مريضن ۾ دوائون ورهايون ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪئمپ ۾ آيل ڊاڪٽرن چيو ته اسان مکلي ويلفيئر آرگنائيزيشن امي فياض فائونڊيشن ۽ امير بخش جڻ ميموريل ٽرسٽ جي طرفان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي مريضن جو ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏيون ٿا هنن چيو ته غربت تمام گهڻي هئڻ ڪري هاڻ عام ماڻهو علاج به نٿو ڪرائي سگهي مهانگون دوائون وٺڻ تي پري جي ڳالهه آهي غربت ۽ صاف پاڻي نه هجڻ جي ڪري وبائي بيماريون ڦهلجن ٿيون اصل عبادت عوام جي خدمت ڪرڻ آهي سرندي وارا ۽ مخير حضرات پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي عوام کي صحت جون بهتر سهولتون ڏئي سگهن ٿا

بقايا سنڌيار 18

ٽڪيٽ ڏني ان جي باوجود به پارٽي جو ساٿ ڏنو ان کان پوئي پارٽي چيو ته توهان وڃي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاءِ وڃي بيهو آئون بيلس مهرباني آهي سڀني پارٽين جي جيڪي منهنجي ساٿون ڪون بيٺا اها سيٽ مون ان اپوز ڪئي مالڪ جا احسان ڪير به ساٿون ڪون بيٺو ۽ 10سال مون انتظار ڪيو ته منهنجي ماڻهن جا ڪم ٿيندا پر ڪم نه ٿيا نه مريدن جا نه ٻارن ۽ دوست جا نه اسان جي غريب عوام جا ۽ آئون سڀني درگاه جي مريدن کي واضح پيغام ڏيان ٿو ته ڪير به ڪنهن پارٽي کي ووٽ نه ڏيندو جيسي تائين آئون نه چوان بلوچستان کان وٺي ٿر جي بادر تائين جيڪي به ضلع آهن سنڌ ۾ ۽ پنجاب جا جيڪي به مريد آهن اهي به انشاالله پنجاب به جلدي اچبو 69 psتي اپلائي ڪيو آهي اگر پارٽي ٽڪيٽ نه به ڏني تڏهن به آئون هتان پهندس انشاالله هارجيت نصيب جي ڳالهه آهي وتعز من تشاء وتذل من تشاء ۽ اگر ڪنهن به پارٽي سان جي اتحاد ڪرڻو پيو ته اهو به ڪندس.

بقايا سنڌيار 19

کي پيش ايندڙ مسئلن گهٽا ۽ پريشانين کي نظر ۾ رکندي وائيس آف يوٿ نيٽورڪ پاران شاگرد ونگ جو بنياد وڌو ويو جنهن ۾ اڪثريت جي بنياد تي وائيس آف يوٿ نيٽورڪ جي شاگرد ونگ جوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو اجلاس ۾ شاگرد ونگ جي صدارت لاءِ ٻن نوجوانن جي دلچسپي کي نظر ۾ رکندي پنهنجي اميدوارن جي وچ ۾ اليڪشن ڪرائي وئي جنهن اليڪشن ۾ وائيس آف يوٿ نيٽورڪ جي ٻن شاگرد حصو ورتو جنهن ۾ نوجوان شاگرد امداد ميمڻ ۽ مس انعم سڪندر هالو شامل هئا پنهنجي وچ ۾ ٿيندڙ مقابلي ڪانپوءِ نوجوان شاگرد مس انعم سڪندر هالو کي وائيس آف يوٿ نيٽورڪ جي شاگرد ونگ جو صدر چونڊيو ويو انهي موقعي تي وائس آف يوٿ نيٽ ورڪ جي اڳواڻن چونڊيل صدر مس انعم سڪندر هالو کي مبارڪون پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته وائس آف يوٿ شاگرد ونگ جي چونڊيل صدر شاگرد کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي جنهن جي لاءِ وائس آف يوٿ نيٽورڪ جي ملر تنظيم پاران کيس مڪمل سهڪار حاصل هوندو

بقايا سنڌيار 20

چڪيون آهن ۽ ڪيترائي زخمي پڻ ٿيا آهن ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڪارنهن تڪرار تان هلندڙ جهيڙي ۾ پوري علائقي جي امن امان تي اثر پيو آهي ۽ معصوم ٻارڙن جي تعليم بند ٿي چڪي آهي ۽ علائقي جي اسڪولن کي تالا لڳي چڪا آهن جهيڙي جي خاتمي لاءِ ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن سميت حڪومت کي سنجيدگي سان قدم کڻڻ گهرجي ته جيئن وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن هن وڌيڪ چيو ته اسان هميشا امن جي پچار ڪئي آهي اسان ڪڏهن به خوني ويڙهه نه چاهيو ٻئي ڌريون پاڻ ۾ دنگائي آهيون ڪجهه سازشي عناصرن جي ڪري ساوند سندراڻي جهيڙو وڌي ويو جنهن جي خاتمي لاءِ ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن سميت ايس ايس پي مير روحل خان کوسو ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا بالا آفيسر به ڪوشش ۾ رڌل آهن جن جي ڪوشش سان ضلعي ۾ امن به ٿيو آهي ۽ جهيڙي جي شدت ۾ ڪجهه ناهر پڻ آيو آهي ۽ انهن جي ڪوشش سان جلد جهيڙو ختم ٿيندو هڪ سوال جي جواب ۾ مقدم چيو ته حڪومت چاهي ته هي ننڍو جهيڙو هڪ ڏينهن ۾ ختم ٿي سگهي ٿو ان لاءِ نگران حڪومت سميت آرمي چيف کي اپيل ڪندس جلد هن معاملي جي خاتمي لاءِ قدم کڻي علائقي ۾ امن قائم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 21

5000 ماهوار ميس فيس 12500 ماهوار چانهه فيس 3000 ماهوار ٽيوشين فيس 4000 ڪارڊ فيس 1000 ماهوار ٽيسٽ فيس 2000 وٺي پوءِ جعلي لسٽ ۾ ٽالو شو ڪري هاسٽل ۾ رهڻ جو حڪم ڏئي ڦرڻ جي شروعات ڪري ٿي وري ايڏي مهانگي هاسٽل هڪ ٻن ڪمرن تي مشمل جنهن ۾ شاگردياڻين کي نه ڪنٽولي نه وري ٽائيم نه مناسب ماني نه وري ڪا ڪاليج ۾ پڪي داخلا رکي ٿي چار چار پنج پنج مهينا ماهوار پئسا ڦري تباهه ڪري پوءِ شاگردياڻين کي چوي ٿي هن سال اوهانجي داخلا نه ٿي آهي ايندڙ سال توهانجي داخلا پڪي ڪرائيندس اهڙي طرح هر سال ڪيترين ٿي شاگردياڻيون هن جو شڪار ٿي وڃن ٿيون پر افسوس جو اڄ تائين ڪنهن هيلٿ جي اختياريءَ هن جو نوٽيس ناهي

بقايا سنڌيار 22

۾ احتجاج جاري رکيو انموقعي سياسي سماجي سوشل ورڪرز ۽ مختلف کاتن جي يونين اڳواڻن جن ۾ فوڊ ايمپلائيز يونين جي اڳواڻ يونس راڄپر شهري ايڪشن ڪاميٽي نوشهروفيروز جي اڳواڻ ماهنور شيخ رياض مهر اسڪارپ ايريگيشن يونين اڳواڻ امجد جامي نگر شاهنواز عمراڻي ڪائونسلر ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز سيني سياسي سماجي اڳواڻن سومر جي ڏينهن ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻيو ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جون ٽن مهينن کان پگهارون پينشن نه ملي سگهيون آهن ملازم فاڪا ڪشي گذارڻ تي مجبور مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري راجا ڪشن لعل جنرل سيڪريٽري نويد احمد تگر ضلع صدر مولا بخش شيخ ضلع اڳواڻ محبوب شيخ غلام نبي شيخ ضلع اڳواڻ منظور ملڪ عمران راڄپر غلام علي سني لعل احتجاج ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز کان پريس ڪلب تائين ريڪاڊ ڪرايو ۽ انتظاميه کان اپيل ڪئي آهي ته ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 23

هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ شديد نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳوڻي ايم پي اي منور وساڻ ڳوٺاڻن سان يڪجهتي طور احتجاج ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي منور وساڻ چيو ته ڳوٺن خلاف ڪنهن به انتقامي ڪاروائي کي برداشت نه ڪنداسين غريب ماڻهن کان ٻچڻ جو اجهو کسڻ نامناسب عمل آهي ڳوٺاڻن کي بي گهر ٿيڻ نه ڏينداسين ڪراچي انتظاميه قبلو درست ڪري ۽ سراپا احتجاج بڻيل ماڻهن کي انصاف فراهم ڪري سماجي اڳواڻ محرم راڄپر چيو ته ڪراچي جي قديم آبادين خلاف تعصب جي بنياد تي انتقامي ڪاروايون ڪيون پيون وڃن غازي ڳوٺ جو هي بلاڪ 25 سالن کان آباد آهي جتي هزارين ماڻهو رهائش پذير آهن ۽ سرڪار جي بجلي، گئس جا ٽئڪس به ادا ڪن ٿا ان باوجود ڳوٺ کي مسمار ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر ۽ گهرازين ڳوٺاڻن خلاف سازش آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين محمود جمالي چيو ته جيڪڏهن ڳوٺن کي مسمار ڪرڻ جون سازشون جاري آهن جيڪڏهن اسان ڳوٺ تي چڙهائي ٿي ته هزارين عورتون ۽ مرد مزاحمت ڪندا مري ويندا سين پر اجها ڊاهڻ نه ڏينداسين اياز سولنگي چيو ته ڪراچي جا قديم ڳوٺ بلڊر مافيا جي نشاني تي آهن غريب ماڻهن جا اجها ڊاهي زمينون بلڊر مافيا حوالي ڪيون پيون وڃن هتي پ پ جا ووٽر رهن ٿا ان ڪري بلاول ڀٽو زرداري کي گذارش آهي ته شهيد بينظير ڀٽو جي هنيل نعري روٽي ڪپڙا اور مڪان تي عمل ڪندي ڳوٺ کي مڪمل تحفظ ۽ مالڪاڻا حق ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ هزارين ماڻهو ڀرپور مزاحمت ڪندا ۽ جيڪو به نقصان ٿيو ته ذميوار انتظاميه هوندي

بقايا سنڌيار 24

جو اعلان ڪندڙ سيد اعجاز شاهه ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو آهي هن چيو آهي ته مسلم ليگ جي سربراهه سابقا وزيراعظم ميان محمد نواز شريف جون 3 حڪومت اڳ رهيون آهن ان اجتماعي ڪم ڪيا آهن موٽروي جو چار وچائي سنڌ ۾ ڏاڙيلن جي خاتمي لاءِ آپريشن ڪري ڏاڙيلن جو خاتمو ڪيو هن چيو آهي ته سنڌ ۾ 15 سال لاڳيتو پ پ جي حڪومت رهي آهي پر تعلقي قاضي احمد جا روڊ رستا وستيون واهڻ اڄ به مڪمل طور تباهه ٿيل آهن ترقياتي ڪم ناهن ٿيا روڊ رستا انسانن لاءِ سفر ڪرڻ جي لائق ناهن رهيا هن چيو آهي ته ايندڙ اليڪشن دوران تعلقي قاضي احمد جي صوبائي تڪ پي ايس 39 تي چونڊ وڙهبي ميدان خالي نه ڇڏبو سياسي طور تاريخ رکندڙ سياسي اڳواڻ مقبول احمد شاهه جو فرزند آهيان سنڌس جي ڏسيل راهه تي هلندي عوام جي خدمت جاري رکي آهي سنڌس جي مشن کي اڳتي ڪئي اڳتي آيو آهيان، سيد اعجاز شاهه وڌيڪ چيو آهي ته منهنجو والد سيد مقبول احمد شاهه هڪڙي تاريخ هو جڏهن پاڻ زرداري صاحب سان 20 سال گڏ رهيو سنڌس جون قربانيون هنيون پاڻ سدائين اڳيان رهندا هئا سنڌس کي ڪا به لالچ نه هوئي ايم اين اي يا ايم پي اي جي سيٽ لاءِ ڪڏهن به لالچ نه رکي سنڌس ۾ سچائي نيڪ نيتي هڪ مثال هو عوام اسان جي خاندان سان بيپناهه محبت پيار ڪري ٿي انهن جي اعتماد تي پورو لهندس

بقايا سنڌيار 25

پاڻي جي موجودگي ۽ فراهمي . گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ شاگردياڻين جي داخلاءِ حاضري . مقرر ۽ حاضر استادن جو تعداد . واش رومز ۽ ليبارٽري جي صورتحال، صفائي سٿرائي، پيئڻ جي پاڻي، بجلي ۽ فرنيچر جا تفصيل جڏهن ته بنيادي صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ، ليبارٽري ۽ دوائن جي موجودگي جي سهولتن ، صفائي سٿرائي، پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت عمارتن جي صورتحال جو معائنو ڪري لاڳاپيل عملدارن کان تفصيل پڻ ورتا _ ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد علي خواجه سمورن لاڳاپيل عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو صاف پاڻيءَ . صحت جون بهتر سهولتون ۽ معياري تعليم جي فراهمي لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ته جيئن ماڻهن کي بنيادي سهولتن جي فراهمي کي هر ممڪن يقيني بڻائي سگهجي ـ هن چيو ته استادن ۽ ٻين ملازمن جي حاضري، صفائي سٿرائي، ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ دوائن جي موجودگي سميت بهتر طبي ۽ ٻين سمورين شهري سهولتن ۽ عوامي خدمتن کي يقيني بڻايو وڃي، ان ڏس ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي هر گز برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته عوام کي تعليم ،صحت ،پيئڻ جي صاف پاڻي سميت ٻيون سموريون گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيحي ۾ شامل آهي.

بقايا سنڌيار 26

جهڙوڪ دادو، شهدادڪوٽ، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ۾ خدشا پيدا ٿيا آهن ۽ سرحد پار اڄ وڄ سبب امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جسٽس باقرچيو ته ڪانگو وائرس جي منتقلي جي مکيه طريقن ۾ ڍور ۽ متاثر جانورن جو انسانن سان ويجهو لاڳاپو آهي. هن صوبائي صحت ۽ لائيو اسٽاڪ کاتن کي هدايت ڪئي ته هو خاص طور تي بلوچستان سان ملندڙ سرحدي ضلعن ۽ تعلقن ۾ نگراني کي تيز ڪن نگران وڏي وزير صحت ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته احتياطي تدبيرن بابت عوامي آگاهي مهم شروع ڪئي وڃي جنهن ۾ جراثيم مار دوائن جي استعمال ۽ ٻين کان علاوه چوپائي مال جي منڊين خاص ڪري سرحدي علائقن جي نگراني ڪئي وڃي. جسٽس باقرصحت ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته هو بلوچستان جي صحت ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان ويجها لاڳاپا قائم رکي. وڏي وزير صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته مقامي اسپتالن ۾ ڪانگو وائرس لاءِ ضروري پروٽوڪول لاڳو ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جوابدار خلاف مڪلي ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 28

) ايڪٽ 2015 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت آئيني طور تي مجاز آهي ته هو سنڌ ۾ قائم صنعتي ادارن کان ورڪرز ويلفيئر فنڊ ۽ سنڌ ورڪرز پارٽيسيپيشن فنڊ اوڳاڙي ڪري جيڪا صنعتي يونٽن جي مزدورن جي ڀلائي لاءِ هڪ اسڪيم آهي، وڏي وزير خط ۾ چيو ته مٿي ڄاڻايل واضح آئيني ترميم ڪانپوءِ به ايف بي آر سنڌ جي صنعتڪارن کان WWF/WPPF اوڳاڙي جو سلسلو جاري رکيو ٿي اچي. اهڙي ريت سنڌ جي صنعتڪارن پاران ايف بي آر کي SWWF/SWPPF کي اربين رپيا ادا ڪيا وڃن ٿا جنهن تي سنڌ صوبي جو ڀرپور حق آهي. وڏي وزير وزيراعظم سان ڪجهه فنڊز بابت لسٽ شيئر ڪئي جنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته مالي سال 22_2014 لاءِ ايف بي آر ۾ 22 ارب رپين کان وڌيڪ رقم جمع ڪرائي آهي. او جي ڊي سي ايل، پي ايس او، پي پي ايل. اينگرو گروپ، فوجي گروپ ۽ ٻين صنعتڪارن پاران ايف بي آر کي ادا ڪيل فنڊن بابت جسٽس باقر چيو ته اها رقم پڻ سنڌ حڪومت وٽ جمع ڪرائي وڃي. وڏي وزير چيو ته ايف بي آر غيرقانوني طور تي گڏ ڪيل فنڊن کي پاڻ وٽ رکيو ويٺي آهي ۽ ان کي سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي جيڪو مالي سال 16_2015 ع تائين آڳوٽي عمل جي ابتڙ آهي ۽ غريب پورهيتن ۽ سندن خاندانن جي ڀلائي تي خرچ ٿيندڙ رقم کي سنڌ صوبي کان محروم ڪئي پئي وڃي. وڏي وزير، وزيراعظم تي زور ڀريو ته هو ناڻي واري وزارت کي هدايت ڪري ته سمورو SWWF/SWPPF فنڊز سنڌ حڪومت کي منتقل ڪري جنهن ۾ 22 ارب رپيا سنڌ صوبي سان لاڳاپيل ٻين الصوبائي ادارن پاران ڏنل فنڊن جا به شامل آهن.

بقايا سنڌيار 29

انفارميشن سيڪريٽري سيد عادل شاهه. نيشنل پريس ڪلب جي صدر استاد علي شير ڏيپر، جنرل سيڪريٽري جرنلسٽ تيمور احمد راڄپوت بول ٽي وي نيوز، ڊاڪٽر شيرازعلي ڏيپر، استاد راشد علي مشوري مورو جي هڪ وفد جي حيثيت ۾ ٿليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو مشهور ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ ڊاڪٽر غلام نبي چنا تفصيلي دورو ڪرايو ۽ ٿلهيسيميا جي مريضن سان خصوصي ملاقات پڻ ڪرائي ۽ ٻارن جي رت جي ٽيسٽ ۽ دوائن ۽ کاڌي پيتي جي انتظامن بابت بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جي مرڪزي چيئرمين سيد قربان علي شاهه لڪياري کي رت جو عطيو ڏيڻ ۽ ٿليسيميا ڪيمپس ۾ خصوصي سهڪار ڪرڻ تي تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو ويو. سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي چيئرمين سيد قربان علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جو درد دل ۾ رکي خدمت ڪريون ٿا هنن وڌيڪ چيو ته ٿليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جي انتظاميا کي يقين ڏياريون ٿا ته سنڌ سيد ويلفيئر سوسائٽي جي پليٽ فارم تان سڄي سنڌ اندر ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن لاءِ رت جي عطيي جي ڪيمپ پڻ لڳائي ويندي.

بقايا سنڌيار 30

بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي توهان سائي سومر ڏيهن اچجو توهان جو ڪم ٿي ويندو نه سائين هي آهن عوامي نمائندا جن کي يوسي عوام جو وڏو فڪر آهي، جڏهن ته ماڻهون جو وڏيڪ اهو به چوڻ آهي ته سائين جن فون به نه کڻندا آهن ۽ آفيس به عوامي پهچ کان ڪافي پري رکي اٿس جواتي ويندي ويندي 2 سوو جو پيٽرول سڙيو وڃي ۽ اتي پهچ ته آفيس بند هاڻ غريب مزدور طبقي جمع تي فري ٿي سرٽيفڪيٽ لاڳي وڃي. '

بقايا سنڌيار 31

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت وڏيرو اختر پٽي 80 ايڪڙ سروي زمين ۽ گهرن تي قبضو ڪرائي هٿيار بند ماڻهون وهاري ڇڏيا آهن گهرن ۽ زمين تي وڃڻ تان وحشاڻو تشدد ڪيو وڃي ٿو پوليس به وڏيري جي ونگار وهندي سندن مٿان ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري ٿي ڪيترن ڏينهن کان گهرن تي چڙهايون ڪيون وڃن ٿيون هنن مطالبو ڪيو ت حملي اور جوابدارن کي گرفتار ڪري زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 32

ڏهرڪي جو باني ۽ سابق صدر پير بخش راڄڙ گزريل ٻن سال کان ڪينسرجهڙي موذي مرض ۾ مبتلا علاج ۾ ڪوسڏارو نه اچي سگهيو آهي ن وٽ جيڪا جمع پونجي ۽ ملڪيت هئي سا پاڻ تي لڳائي چڪو هن وقت حڪومتي مدد جو منتظر آهي سينئر صحافي پير بخش راڄڙ جي علاج لاءِ گذريل ٻن مهينن کان پرنٽ اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي آواز اٿاريو پيو وڃي پر هن وقت تائين حڪومت ڪو نوٽيس ناهي ورتو جڏهن ته مسلسل گهوٽڪي جا صحافي سماجي اڳواڻ سندس جي علاج لاءِ مطالبو ڪري رهيا آهن پر هن وقت تائين ڪنهن به بالا آفيسر سندس وارثن سان رابطو ناهي ڪيو وارثن جو چوڻ آهي ته اسين نگران وزيراعلي سنڌ اطلاعات ۽ صحت کاتي سميت متعلق آفيسرن کان مطالبو ڪيون ٿا ڏهرڪي جي سينئر صحافي پير بخش راڄڙ جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرايو وڃي ۽ هن جي مالي مدد ڪئي وڃي ته جيئن سندس جو علاج ڪرائي حياتي بچائي سگهجي

بقايا سنڌيار 33

نه ٿيڻ ڪري شهر گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو مهتر پوڳڙي پٽي سومرا منگي چند دايا سهتا محلن سميت شهر جا ڪيترن ئي پاڙن ۾ نالين اٿلي پيون آهن وٿي تي گندگي جا ڍير به لڳي ويا آهن جنهن سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو مليريا جهڙي مرض ۾ وڪڙجي ويا آهن مليل ڄاڻ موجب ٺڪرائتو جي وڏي آبادي واري يوسي مبارڪپور جي بجيٽ نئون سيڪريٽري شفي محمد مهر مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ رليز نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب ٺڪرائتو شهر ۽ پرپاسي جي ڪيترن ئي شهرن توڙي ڳوٺن مبارڪپور گهٽي ڳوٺ بشيرآباد سميت جون نالين اٿلي پيون آهن وٿي تي گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن مهتر پٽي پوڳڙي ولاسرا سومرا منگي دايا سهتا ۽ مهر محلن ۾ گذريل ٻن مهينن کان صفائي سٿرائي نه ٿي سگهي آهي بجيٽ رليز نه ٿيڻ ڪري مقرر ٿيل وائيٽ ڪالر ملازم به پگهارن کان محروم آهن يوسي مبارڪپور جي صفائي سٿرائي لاءِ ٽوٽل 2 ڪچا ملازم پڪي طور مقرر ٿيل هئا جيڪي به ٻن مهينن کان پگهارون نه ملڻ ڪري ڪم ڇڏي واپس هليا ويا آهن نتيجي ۾ هر گهٽي ۽ هر پاڙي ۾ نالين جو گندو پاڻي اٿلي پيو آهي ان سلسلي ۾ نئين چونڊيل چيئرمين رئيس امام بخش مهتم رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته حلف کڻڻ ڪانپوءِ پرانو سيڪريٽري هتي ويو هوان جي جڳهه تي نئون سيڪريٽري شفي محمد مهر کي مقرر ڪيو آهي گذريل ٻن مهينن کان اڪائونٽ ڪولرائڻ باوجود ٻن مهينن جي بجيٽ 10 لک روپيا رليز نه ٿي سگهيا آهن ان لاءِ ملازمن کي پگهارون ناهن مليون جڏهن ته مقرر ٿيل 2 پڪي پگهار نه ملڻ ڪري ڪم ڇڏي هليا ويا آهن جيئن ئي ڊائريڪٽر بجيٽ رليز ڪندو ته صفائي ڪرائي گندگي جو آزار ختم ڪيو ويندو ٻي پاسي يوسي سيڪريٽري شفي محمد مهر رابطي تي ٻڌايو ته اڪائونٽ ٺهرايو آهي ايندڙ هفتي ۾ بجيٽ جيئن ئي رليز ٿي ته صفائي وارو عمل شروع ڪرايو ويندو هوڏانهن ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ريجن سکر انور رُڪ رابطي تي ٻڌايو آهي ته ڪجهه مسئلا درپيش هئا ان لاءِ سومر ڏهاڙي سيڪريٽري کي آفيس طلب ڪيو آهي جلد يوسي جي بجيٽ رليز ڪري عوام جو مسئلو حل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 34

۾ گهربل جوابدار نه هٿ ڪري پوليس سندن عزيزن کي گرفتار ڪري رهي هئي ته ڳوٺاڻن ۽ پوليس ۾ ڇڪرتاڻ ٿيون جنهن بعد ناروشاهه ٿاڻي تي ڳوٺاڻن وزير پاڻ شڪيل ڏاڪرپاڻ عمران چنا سميت 15 ڄڻن مٿان ڊيوٽي اتڪاءُ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڳوٺاڻن وزير عمران پاڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته پنج ڏينهن اڳ ڳوٺ جي نوجوان گلشير پاڻ ناروشاهه جي ناري سمرين راجپوت سان عدالتي پيار جو پرڻو ڪيو آهي آهي جنهن مٿان ناري جي وارثن نوجوان مٿان ناريءَ کي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هئو جيڪو ناري سميت ڳوٺ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي جنهن جي گرفتاري جو جواز ڄاڻائي ناروشاهه پوليس بنا سرچ وارنٽن جي ڳوٺ جي مختلف گهرن ۾ ڪاهي پئي منع ڪرڻ تان پوليس ڪيترن ئي عورتن ٻارڙن تي تشدد ڪيو گهربل نوجوان هٿ نه اچڻ تي اسان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي هن چيو ته فوري طور معاملي جو نوٽيس وٺي گهر تي چڙهائي ڪندڙ پوليس خلاف ڪاروائي ڪري داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو سخت احتجاج ڪيو ويندو ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او غلام شبير دلواڻي ٻڌايو ته ناريءَ جي اغوا ۾ گهربل جوابدار جي گرفتاري لاءِ سندس گهر ڇاپا هنيا سين ته ڳوٺاڻن جي هجوم ڊيوٽي ۾ دخل ڏئي ڪيس ۾ گهربل جوابدار زبردستي پوليس کان ڇڏائي ويا ۽ ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن مٿان ڳوٺاڻن حملو پڻ ڪيو آهي جن مٿان ڪيس داخل ڪيو آهي جلد کين گرفتار ڪري عدالت سگهوري ۾ پيش ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 35

نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار ملاح، مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ظهور احمد ملاح، لاڙ ڊويزن جو صدر پرويز احمد پاٽڻي، ضلعي ٺٽي جو صدر محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، ٺٽو سٽي جو صدر محمد خان ملاح، وڏير غلام قادر ملاح، شهيد بينظيرآباد ڊويزن جو صدر نثار احمد ملاح، حاجي خان ملاح، حيدرآباد ڊويزن جي صدر مير نواز ملاح، سکر ڊويزن جي صدر شير محمد ميراڻي، دلبر ميراڻي، سمف سجاول ضلعي جي جنرل سيڪريٽري نواب روپائي ملاح، سمف ٽنڊو محمد خان ضلعي جي صدر سهيل پپو ملاح، جنرل سيڪريٽري ايڊوڪيٽ شهزاد ملاح، ضلعي حيدرآباد جي صدر علي حسن ملاح، ضلعي جام شورو جي صدر غلام شبير ملاح، راجا شريف ملاح، ضلعي دادو جي صدر ڊاڪٽر عبدالحميد ميراڻي، ظفر ملاح، نوابشاهه ضلعي جي صدر سردار علي بخش ملاح، رفيق ملاح، ضلع نوشهروفيروز جي صدر حاجي فيض محمد ملاح، جنرل سيڪريٽري نديم ملاح، لاڙڪاڻي جي صدر جاويد ميراڻي، ضلع خيرپور ميرس جي صدر فقير علي حسن ملاح، جنرل سيڪريٽري عارب ملاح، جيڪب آباد جي صدر جان محمد ميراڻي، راجا ميراڻي، ضلع بدين جي جميل جان ملاح، لطيف ملاح، غلام رسول ملاح، عبدالحڪيم گندرو، منصور ملاح، دلبر ميراڻي، اصغر ميراڻي، ديدار ملاح، شهمير ملاح شاهد ملاح، سمف يوٿ اڳواڻ اعجاز ملاح هاشم ملاح سميت سنڌ جي ملاح برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ڏاڏا آدم گندرو، ماجد سڪندر ملاح، ذوالفقار ملاح، ڊاڪٽر عبدالحميد ملاح، شير محمد ميراڻي، سردار علي بخش ملاح، مير نواز ملاح، علي حسن ملاح، حاجي فيض محمد ملاح، جاويد ميراڻي، محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، پرويز پاٽڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ وڏي آبادي ملاحن، ماهيگيرن جي هوندي به ڪين هر دور ۾ سمورين بنيادي سهوليتن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي، جيڪا سراسر وڏي ناانصافي آهي، ان ڪانسواءِ ماهيگيرن جي روزگار جي وسيلن تي قبضا ٿيڻ سميت سمنڊ اندر بااثر پتا خورن ۽ ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، پر فشريز کاتي سميت سنڌ سرڪار توڙي وفاقي حڪومت ماهيگيرن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڪجهه نٿي ڪري نه ئي سندن روزگار جي وسيلن تي ٿيل قبضا خالي ڪرائي سگهي آهي، جنهن ڪري ماهيگير بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي رهيا آهن. هنن چيو ته هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن جي آزادي لاءِ به سرڪار ڪجهه نٿي ڪري جن کي ڀارتي فورسز حدبنديون نه هجڻ ڪري پاڪستان جي سامونڊي حدن مان گرفتار ڪري ڪٺي وڃڻ بعد سخت تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، جن جي خاندان جي پوئيواري نه ٿيڻ ڪري اهي به بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل آهن. هنن چيو ته اڄوڪي ميڙاڪي جو مقصد 21 نومبر ماهيگيرن جي عالمي ڏيهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائڻ آهي، ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته هن واري ماهيگيرن جو عالمي ڏيهاڙو دادو شهر ۾ ملهايو ويندو، سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن، ڪارڪنن سميت ملاح، ماهيگيرن کي گهرجي ته هو هن ڏيهاڙي کي ڀرپور ۾ هائي دادو شهر ۾ منعقد ڪيل هن جلسي ۾ شرڪت ڪري ٻڌي جو ثبوت ڏين جتي سرڪار کان ملاحن، ماهيگيرن کان کسيل سندن حقن جي واپسي جي گهر سميت ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن کي آزاد ڪرائي ماهيگيرن سان ٿيندڙ ناانصافي جي ازالي جي پڻ گهر ڪئي ويندي، هنن ملاح اڳواڻن توڙي ماهيگيرن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي حق جي حاصلات لاءِ جاري ڪيل جدوجهد کي جاري رکي برادري سميت مظلوم ماڻهن جي بنا فرق جي مدد ۽ خدمت ڪندا رهن. هنن اهو پڻ چيو ته هاڻي اليڪشن اچڻ واري آهي، جيڪڏهن اسانجي برادري کي نظرانداز ڪيو ويو ته ان تي غور ويچار ڪري وڏيڪ راءِ عمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 36

صراف بازار کان گهنٽا گهر چوڪ تائين يڪجهتي فلسطين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ايس ڊي اي ۾ شامل سياسي، سماجي، مذهبي، قومپرست، واپاري تنظيمن جي اڳواڻن معروف مذهبي اڳواڻ مفتي محمد چمن زمان قادري، غلام مصطفي ڦلپوٽو، علامه نوراحمد قاسمي، هندو پنچائت ڪاميٽي جي چيئرمين مکي ايشور لعل، شهزادو پتو، شاهه محمد انڍڙ، علامه عبدالستار بروهي، عبدالباري انصاري، آغا محمد اڪرم دراني، فقير رمضان ڪورائي، سليم جاگيراڻي، راشد صديقي، محمد عرفان، صداقت خان ، وقار سومرو، اسلام نور خان ، حاجي محمد علي، شاهد سنڌو، غلام حسين، عبدالڪريم سومرو، عمير شاهه ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينرز کنيل هئا جيڪي اسرائيلي دهشتگردي جي خلاف اپ ڏريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. گهنٽا گهر چوڪ تي ريلي کي خطاب ڪندي ايس ڊي اي جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسرائيل فلسطين ۾ دهشتگردي ۽ ظلم جي انتها ڪري رهيو آهي، جنهن جو مثال نٿو ملي، اسرائيلي حملن، بمباري ۾ هزارين مرد، عورتون، معصوم ٻار، بزرگ شهيد ٿي رهيا آهن ۽ عالمي برادري اسرائيلي دهشتگردي کي روڪڻ ۽ فلسطيني عوام کي حق ڏيارڻ جي لاءِ خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي. اڄ غزه قبرستان جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، اسرائيل اسپتالن، اسڪولن تي حملا ڪري معصوم ٻارن کي شهيد ڪري رهيو آهي ان جي باوجود انساني حقن جا عالمي چيمپئن اسرائيلي دهشتگردي تي خاموش ٿيا آهن. اڄ اسين اعلان ڪريون ٿا ته اسرائيلي مصنوعات جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري معصوم فلسطين ٻارن جي حمايت جاري رکنداسين. هنن جو چوڻ هو ته اقوام متحده ۽ او آءِ سي زباني جمع خرج کان اڳتي وڌي ڪري اسرائيلي دهشتگردي، ظلم ۽ جبر جو نوٽيس وٺي فلسطيني عوام کي حق ڏيارڻ جي لاءِ مخلصانه قدم کڻن ۽ فوري طور تي اسرائيل پاران فلسطيني عوام تي بمباري، ظلم ۽ ستم، جنگ کي روڪيو وڃي. ان موقعي تي فلسطين جي شهيد مسلمانن جي ايصال ثواب جي لاءِ فاتحه خواني ۽ زخمين جي جلد صحت يابي جي لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 37

نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار ملاح، مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ظهور احمد ملاح، لاڙ ڊويزن جو صدر پرويز احمد پاٽڻي، ضلعي ٺٽي جو صدر محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، ٺٽو سٽي جو صدر محمد خان ملاح، وڏير غلام قادر ملاح، شهيد بينظيرآباد ڊويزن جو صدر نثار احمد ملاح، حاجي خان ملاح، حيدرآباد ڊويزن جي صدر مير نواز ملاح، سکر ڊويزن جي صدر شير محمد ميراڻي، دلبر ميراڻي، سمف سجاول ضلعي جي جنرل سيڪريٽري نواب روپائي ملاح، سمف ٽنڊو محمد خان ضلعي جي صدر سهيل پپو ملاح، جنرل سيڪريٽري ايڊوڪيٽ شهزاد ملاح، ضلعي حيدرآباد جي صدر علي حسن ملاح، ضلعي جام شورو جي صدر غلام شبير ملاح، راجا شريف ملاح، ضلعي دادو جي صدر ڊاڪٽر عبدالحميد ميراڻي، ظفر ملاح، نوابشاهه ضلعي جي صدر سردار علي بخش ملاح، رفيق ملاح، ضلع نوشهروفيروز جي صدر حاجي فيض محمد ملاح، جنرل سيڪريٽري نديم ملاح، لاڙڪاڻي جي صدر جاويد ميراڻي، ضلع خيرپور ميرس جي صدر فقير علي حسن ملاح، جنرل سيڪريٽري عارب ملاح، جيڪب آباد جي صدر جان محمد ميراڻي، راجا ميراڻي، ضلع بدين جي جميل جان ملاح، لطيف ملاح، غلام رسول ملاح، عبدالحڪيم گندرو، منصور ملاح، دلبر ميراڻي، اصغر ميراڻي، ديدار ملاح، شهمير ملاح شاهد ملاح، سمف يوٿ اڳواڻ اعجاز ملاح هاشم ملاح سميت سنڌ جي ملاح برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي، ڏاڏا آدم گندرو، ماجد سڪندر ملاح، ذوالفقار ملاح، ڊاڪٽر عبدالحميد ملاح، شير محمد ميراڻي، سردار علي بخش ملاح، مير نواز ملاح، علي حسن ملاح، حاجي فيض محمد ملاح، جاويد ميراڻي، محمد ايوب ملاح، وڏيرو محمد عرس گندرو، پرويز پاٽڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ وڏي آبادي ملاحن، ماهيگيرن جي هوندي به ڪين هر دور ۾ سمورين بنيادي سهوليتن ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي، جيڪا سراسر وڏي ناانصافي آهي، ان ڪانسواءِ ماهيگيرن جي روزگار جي وسيلن تي قبضا ٿيڻ سميت سمنڊ اندر بااثر پتا خورن ۽ ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، پر فشريز کاتي سميت سنڌ سرڪار توڙي وفاقي حڪومت ماهيگيرن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڪجهه نٿي ڪري نه ئي سندن روزگار جي وسيلن تي ٿيل قبضا خالي ڪرائي سگهي آهي، جنهن ڪري ماهيگير بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻجي رهيا آهن. هنن چيو ته هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن جي آزادي لاءِ به سرڪار ڪجهه نٿي ڪري جن کي ڀارتي فورسز حدبنديون نه هجڻ ڪري پاڪستان جي سامونڊي حدن مان گرفتار ڪري ڪٺي وڃڻ بعد سخت تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، جن جي خاندان جي پوئيواري نه ٿيڻ ڪري اهي به بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل آهن. هنن چيو ته اڄوڪي ميڙاڪي جو مقصد 21 نومبر ماهيگيرن جي عالمي ڏيهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائڻ آهي، ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته هن واري ماهيگيرن جو عالمي ڏيهاڙو دادو شهر ۾ ملهايو ويندو، سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن، ڪارڪنن سميت ملاح، ماهيگيرن کي گهرجي ته هو هن ڏيهاڙي کي ڀرپور ۾ هائي دادو شهر ۾ منعقد ڪيل هن جلسي ۾ شرڪت ڪري ٻڌي جو ثبوت ڏين جتي سرڪار کان ملاحن، ماهيگيرن کان کسيل سندن حقن جي واپسي جي گهر سميت ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري هندستان ۾ قيد پاڪستاني ماهيگيرن کي آزاد ڪرائي ماهيگيرن سان ٿيندڙ ناانصافي جي ازالي جي پڻ گهر ڪئي ويندي، هنن ملاح اڳواڻن توڙي ماهيگيرن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي حق جي حاصلات لاءِ جاري ڪيل جدوجهد کي جاري رکي برادري سميت مظلوم ماڻهن جي بنا فرق جي مدد ۽ خدمت ڪندا رهن. هنن اهو پڻ چيو ته هاڻي اليڪشن اچڻ واري آهي، جيڪڏهن اسانجي برادري کي نظرانداز ڪيو ويو ته ان تي غور ويچار ڪري وڏيڪ راءِ عمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 38

آهي ته وڏ کان وڏ دادو پريس ڪلب ۽ ان جي ميمبرن جا سڀ مسئلاحل ڪيان هتي پهچي خوشي محسوس ٿي آهي دادو پريس ڪلب سنڌ جو اهم ادارو آهي جنهن هر وقت پنهنجي ضلعي جي عوام جي بهترين ترجماني ڪئي آهي، دادو پريس ڪلب جي گرانٽ ميمبرن جي ڀلائي بهبود ۽ ٻيا مسئلا منهنجي اولين ترجيح ۾ شامل آهن.ڪوشش ڪندس ته دادو پريس ڪلب جا جائز سمورا مسئلاحل ڪيان ۽ ان بابت پنهنجي کاتي جي سيڪريٽري، ڊي جي هيلٿ سميت ٻين کي آگاهه ڪندس، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ، سرور جلال سولنگي، رضوان منگي، گلڻ پنڊ، علي گل چنه،سخي سردار چارڻ ،غوث جهتيال،مختيار سومرو،لياقت ملڪ،دانش خشڪ ۽ ٻين صحافين دادو انفارميشن کاتي مان سخت مايوسي جو اظهار ڪندي چيو ته دادو پريس ڪلب کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، ڪجهه غير صحافين کي دادو انفارميشن ڪارڊ ناهي دادو ضلعي اندر ڪم ڪندڙ ورڪنگ صحافين جي معيار ڪرايو آهي، دادو انفارميشن کاتي ۾ هڪ جونيئر ڪلارڪ ۽ هڪ فوٽو گرافر هڪ پيٽراليو موجود رهن ٿا ، باقي دادو ضلع آفيسر پڻ هفتي ۾ 2 ڏينهن اچي ٿو آفيس جو سينئر ڪلارڪ ۽ اسٽونو گرافر ۽ ٻيو عملو سالن کان گم آهي جيڪي هر مهيني پگهار گهر ويٺي کڻن ٿا، توهان جو دادو ضلع آفيسر لطيف سولنگي هترادو بيمار آهي ڇاڪاڻ جو هر 3 مهينن بعد هڪ لک کان 2 لک جون دوائون سرڪاري خرچ تي خريد ڪرائي ٿو جيڪي خزاني آفيس جا بل موجود آهن،هتي ڪرپشن جا داستان وڏا آهن 5 سالن کان گاڏي خراب آهي پر گاڏي جو تيل رڪارڊ ۾ خرچ ڏيکاريو وڃي ٿو،ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ پاران ڊائريڪٽر کان گهر ڪئي ته ورڪنگ صحافين جا ڪارڊ ناهي هر ان اهل قلم ڏتي جي مالي مدد لاءِ پنهنجا رسيلا ڪتب آندا وڃن جيئن صحافين جا مالي مسئلاحل ٿي سگهن ۽ دادو ۾ صحافي ڪالوني لاءِ اطلاعات کاتو سهڪار ڪري،دادو پريس ڪلب هر وقت اوهان سان سهڪار ڪري پئي پر اوهان جي طرفان سهڪار نه پيو نظر اچي، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ ۽ ميمبرن پاران دادو پريس ڪلب تي لٿي اچڻ تي ڊائريڪٽر حيدرآباد ارشاد چانڊيو کي سنڌي ٽوپي پارائي آڌر ڀاءُ ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 39

پڇڻ وارو ڪونهي ايم ايس کان وٺي وزير صيحت تائين سڀ ننڊ ستل. غريب مسڪين مريضن کي ڪوڙيون جڳاڙي رپورٽون ڏئي پنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا، سينئر صحافي انجم ٻگهيو سان ٽيلي فون تي ڳالهيون تفصيل موجب ڪراچي کان سينئر صحافي باغي ساگر ڀنڀرو، فاروق ٻنگوار . سان شهدادپور جي اديب شاعر سينئر صحافي انجم ٻگهيو ٽيليفون تي رابطو ڪري صيحت جي حوالي سان ٻڌايو ته مون جڏهن سمس ليبارٽري مان بيماري جون ٽيسٽون ڪرايون ته سڀ غلط رپورٽون ڏنيون ويون جنهن ڪري آءِ بستري پيڙو ٿي ويس مجبوري جي ڪري مون نجي ليبارٽري مان اهي سموريون ٽيسٽون ڪرايون ته سڀ جا سڀ نارمل آيون. ان چيو ته اها دانه مون ايم ايس کان وٺي ضلعي جي سڀني صيحت کاتي جي آفيسرن کي ڏيئي چڪو آهيان پر ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي، ڇو ته ڪرپشن ڪندڙ اداري جا سڀ عملدار مليل آهن. ان چيو ته سنڌ جي ٻيو نمبر وڏي اسپتال سمس جنهن جي روزانه هزارن جي اوپي ڊي ٻڌائي پئي وڃي ۽ مختلف شعبن ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ رش ڏسڻ ۾ ايندي آهي جنهن ۾ صرف هڪ ليبارٽري ٺهيل آهي جنهن ۾ جڳاڙي ٽيڪنيشن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن ڪجهه ڏينهن گردن ۽ ان سان لاڳاپيل رپورٽون ڊائلاسز دوران ڪرائڻ لاءِ ڏنيون جيڪي انتهائي خراب ۽ مرڻ ڪنڌي تي پهچائڻ واريون هيون انهن رپورٽن جي ڪري ويتر بيمار ٿي پيو آهيان. ان ٻڌايو ته شمس اسپتال ۾ هزارين مريضن جون ٽيسٽون ڪندڙ سمس ليبارٽري جي ڏنڊوڙي ۽ جڳاڙي عملي پنهنجا پيٽ ڀرڻ لاءِ سرڪاري فنڊ بجاءِ پاڻ اڌ موڙي ۾ پيسه وٺي ڪوڙيون سچيون ٽيسٽون ڪري مريضن کي مطعمن ڪري رهيا آهن ڪيترائي پيرا ڏانهون ڪوڪون ڪرڻ باوجود سمس جو بااختيار عملو انهي ڪرپٽ مافيا اڳيان مجبور بيوس بڻيل آهي هن صحت کاتي جي اعلي' عملدارن کان گهر ڪندي چيو ته ليبارٽري عملي جون ڏگريون چيڪ ڪندي سندن ڪارڪردگي جائزو ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 40

۾ گندي نالين ۽ گندي پاڻي جي نيڪال خراب هجڻ سبب شهري پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. عوامي شڪايتن باوجود آفيسرن يا چونڊيل نمائندن جي ڪنن تي ڪا به جوءِ ناهي چري، ريلوي ڪالوني نيو پنڊ جي رهواسين سکر ميونسپل ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ عملدارن سان گڏ ريلوي کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ڪالوني ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان نظرانداز ٿيل علائقن ۾ صفائي سٿرائي ۽ ڊرينيج جي سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ سميت ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن.

Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com